امیرِ اهلِ سنّت کان

# وُضوجي باري ۾ سوال جواب

سنڌي



پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنۡ شَآءَ الله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: **اميرِ اهلِ سنّت کان وُضو جي باري ۾ سوال جواب**

ڇاپو پهريون: ذيقعده 1443هـ جون2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اُگتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# ”اميرِ اهلِ سنّت کان وُضو جي باري ۾ سوال جواب“

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست

اميرِ اهلِ سنّت کان وُضو جي باري ۾ سوال جواب ................ 1
دُرود شريف جي فضيلت ................................ 1

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# اميرِ اهلِ سنّت ڪان وُضو جي باري ۾ سوال جواب

**دعاءِ جانشينِ اميراهلسنت:** ياالله پاڪ! جيڪو بہ 21 صفحن جو رسالو ”وضو جي باري ۾ سوال جواب“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي ظاهري پاڪيزگي سان گڏ باطن جي طهارت نصيب فرماءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ. اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرود شريف جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون کي سُوار جي پيالي وانگر نہ بڻايو جو سوار پنهنجي پيالي کي پاڻي سان ڀريندو آهي پوءِ ان کي رکندو آهي ۽ سامان کڻندو آهي، پوءِ جڏهن ان کي پاڻي جي حاجت هوندي آهي تہ ان کي پيئندو آهي، وُضو ڪندو آهي نہ تہ ان کي اڇلي ڇڏيندو آهي، پر مون کي توهان پنهنجي دعا جي اَوّل و آخر ۽ وچ ۾ ياد رکو.

(مجمع الزوائد، 239/10، حديث: 17256)

خدايا واسِطہ ميٹھے نبی کا شَرَف عطار کو حج کا عطا ہو

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**سُوال:** ڇا قرآن ڪريم ۾ وضو جي باري ۾ حڪم آيو آهي؟

**جواب:** وضو جي باري ۾ قرآن ڪريم ۾ حڪم موجود آهي جيتوڻيڪ سيپاري 6 سُورة المائده جي آيت نمبر 6 ۾ آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا قُمْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ فَاغْسِلُوْا وُجُوْهَكُمْ وَ اَيْدِيَكُمْ اِلَى الْمَرَافِقِ وَ امْسَحُوْا بِرُءُوْسِكُمْ وَ اَرْجُلَكُمْ اِلَى الْكَعْبَيْنِ ؕ (پ6، المائدة : 6)

ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! جڏهن توهان نماز لاءِ بيهڻ لڳو ته پنهنجي چهري کي ۽ پنهنجا هٿ نونن تائين ڌوئو ۽ مٿن جو مسح ڪيو ۽ پيرن تائين پير ڌوئو. (ملفوظات اميرِاہلِ سنت، 457/2)

دے شوقِ تلاوت دے ذوقِ عبادت رہوں با وُضو میں سدا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

سُوال: بغير وضو نماز پڙهڻ ڪُفر آهي يا گناهه؟

جواب: جيڪڏهن جائز سمجهي ڪري بغير وُضو نماز پڙهي يعني هي سمجهي ڪري ته نماز پڙهڻ جي لاءِ وضو ڪرڻ جي ضرورت ناهي ته اهو ڪفر آهي(بہارِ شريعت، 282/1، حصہ:2) ۽ جيڪڏهن ڪنهن غلطي سان پڙهي ته گناهه به ناهي، البته وُضو ڪري نماز ٻيهر پڙهڻي پوندي.

(بہارِ شريعت،705/1، حصہ:4 ماخوذاً۔ ملفوظات اميرِاہلِ سنت سنت، 359/3)

سُوال: منهنجي عمر 64 سال آهي ۽ مان هڪ عرصي کان فالج جي مرض ۾ مبتلا آهيان، جنهن جي ڪري هڪ هٿ سان وضو نٿو ڪري سگهان اهو اِرشاد فرمايو ته مان وُضو ڪيئن ڪيان ۽ منهنجي لاءِ ڪهڙي ڪهڙي رخصت آهي؟ پڻ ڇا مون کي روزو به رکڻو پوندو؟

(سهيل مغل، اسلام آباد)

جواب: الله ڪريم توهان تي رحم فرمائي، پياري حبيب جي صدقي شِفاءِ ڪامل عاجل نافعه عطا فرمائي، دل وڏي رکو، هي آزمائش ۽ اِمتحان آهي، هن ۾ اهو ئي ڪامياب ٿيندو آهي جيڪو ثابت قدم رهندو

آهي، اِمامِ عالي مقام حضرتِ امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کربلا ۾ فجر جي نماز باجماعت ادا ڪئي هئي، پيارن جي شهادتن کان پوءِ بہ سِرُ سجدي ۾ ڪٽايو هئائون، جهڙي طرح بہ ممڪن هجي نماز شريعت جي دائري ۾ رهي ڪري ادا ڪرڻي پوندي آهي ۽ ان جي لاءِ نماز جا مسئلا سکڻا پوندا آهن، بهارِ شريعت جي پهرين جلد جي چوٿين حصي ۾ مريض جي نماز جو طريقو لکيل آهي، جنهن فالج جو ٻڌايو آهي شايد هو اِهو سمجهي رهيو تہ جيڪڏهن نماز نہ پڙهنداسين تہ روزو ڪيئن ٽيندو؟ يا جيڪي بہ ايئن سمجهن ٿا اهي هيءُ ڳالهہ ذهن ۾ رکن تہ نماز الڳ عبادت آهي ۽ روزو الڳ عبادت آهي، ايئن ناهي تہ هڪ شيءِ نہ ڪنداسين تہ ٻئي شيءِ بہ نہ ڪنداسين، انهيءَ ڪري ٻنهي کي ادا ڪرڻو آهي جيڪڏهن ڪنهن خدانخواستہ نماز نہ پڙهي تڏهن بہ ان جو روزو ٿي ويندو يا خدانخواستہ ڪنهن روزو نہ رکيو ۽ نماز پڙهي تہ ان جي نماز ادا ٿي ويندي.

پيرن کان معذور ۽ پيشاب جي مرض ۾ مبتلا مريض جن جي ڪٽ بہ قبلي رخ ناهي، نماز جي حوالي سان انهن جي راهنمائي ڪندي (اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ جي پرسان وينل مفتي صاحب فرمايو:) ان جون بہ صورتون ٻڌجنديون: (1) جيڪڏهن ان کي بار بار پيشاب اچي ٿو ۽ انهن کي ايترو وقت بہ نٿو ملي جو جنهن ۾ هو وضو ڪري فرض ادا ڪري سگهي تہ اهڙي صورت ۾ شرعي معذور چورائيندو. انهيءَ ۾ شرط هي آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ وقت ۾ هڪ ڀيرو ان جو (اهو) عذر پاتو وڃي. (بہارِ شریعت، 1/385-386 ملتقطا) جيئن عصر جي نماز شروع ڪندو تہ وضو ڪندو ۽ ان ۾ جيتريون نمازون چاهي ادا ڪري وٺي پر مغرب جي نماز جي لاءِ ان کي ٻيهر وضو ڪرڻو پوندو. (2) ۽ جيڪڏهن هي شرعي

معذور ناهي يعني ان کي ايترو وقت ملي وڃي ٿو جنهن ۾ فرض ادا ڪري سگهجي ٿو ته پوءِ ان کي احتياط ڪرڻو پوندو. بهرحال جيڪڏهن حالت اهڙي آهي جو پاڻ وضو نٿو ڪري سگهي پر ٻيو ڪو وضو ڪرائڻ وارو موجود آهي ته اهو ان کي وضو ڪرائي نه ته ان کي تيّمم ڪرايو وڃي ۽ ڪنهن کي چئي ڪري ڪٽ جو رخ قبلي ڏانهن ڪرائي ڇڏي ۽ اشارن سان نماز ادا ڪري.

(امیرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمايو:) جيڪڏهن ليٽي نماز پڙهڻ جي لاءِ مجبور آهن ته کٽ اهڙي طرح رکٽي آهي جو ان جا پير قبلي ڏانهن هجن.[1] ۽ ايترو وقت نه ملي جنهن ۾ وضو ڪري نماز ادا ڪري سگهجي ته ان مان مراد فرض نماز ادا ڪرڻ جو وقت آهي، ان ۾ سنتون ۽ نفل ادا ڪرڻ جو وقت شامل نه آهي، يعني وضو ڪري گهٽ ۾ گهٽ ايترو وقت ملي ويو جو فرض نماز پڙهي سگهجي ٿي ته وضو ڪري فرض پڙهي وٺي. (ملفوظاتِ اميرِاہلِ سنت ، 406/6)

**سُوال:** ڇا ڪچو بصر کائڻ سان وضو ٽٽي پوندو آهي؟ (نورالعين)

**جواب:** ڪچو بصر کائڻ کان بچڻ سنو آهي جو ان جي وات ۾ بدبو ٿي ويندي آهي، البته کائڻ جائز آهي ان سان وضو به ناهي ٽٽندو. پاڃي ۾

---

[1] جيڪڏهن مريض ويهڻ تي به قادر ناهي ته ليٽي ڪري اشاري سان پڙهي، چاهي سڌي يا ڪابي پاسي تي ليٽي ڪري قبلي ڏانهن منهن ڪري، چاهي پٺي پر ليٽي ڪري قبلي ڏانهن پير ڪري پر پير نه ڊگهيڙي، جو قبلي ڏانهن پير ڊگهيڙڻ مڪروهه آهي بلڪ گوڏا سڌا رکي ۽ مٿي هينان وهاڻو وغيره رکي ڪري مٿو اونچو رکي ته منهن قبلي ڏانهن ٿي وڃي ۽ هي صورت يعني پٺي پر ليٽي پڙهڻ افضل آهي.
(در مختار، 686/2-687۔ بہارِ شريعت، 722/1، حصہ: 4)

پڪل بصر ۽ ٿوم ڪائي سگهون ٿا جو پچڻ کان بعد ان جي بدبوء ختم ٿي ويندي آهي ۽ ان کي کائڻ سان وات ۾ بدبو به پيدا ناهي ٿيندي.
(ملفوظات امیرِاہلِ سنت ، 463/6)

سُوال: وضو ڪرڻ کان پهريان وضو جي عضون کي آلو ڪرڻ ڪيئن آهي؟

جواب: وُضو ڪرڻ کان پهرين وضو جي عضون کي آلو ڪرڻ مستحب آهي. (بہارِ شریعت، 297/1، حصہ: 2) بالخصوص سردين ۾ وڌيڪ بهتر آهي جو انهن ڏينهن ۾ کل خشڪ هوندي آهي ۽ ڪجھ جڳهن تي گهنج پئجي ويندا آهن جيڪڏهن توجھ سان وضو نه ڪيو وجي ته ڪجھ حصو سڪل رهجي ويندو آهي. تي سگهي ٿو ته وضو ڪرڻ مهل عوام جا وضوءَ وارا عضوا سڪل رهجي ويندا هجن. جيڪڏهن اسان پهريان کان ئي وضو جي عضون تي پاڻي ملي ڇڏينداسين ته ان سان کل نرم ٿي ويندي ۽ پاڻي جلدي وهي ويندو جنهن سان وضو به جلدي ٿي ويندو. هر هڪ کي ان مستحب تي عمل ڪرڻ جي عادت بڻائي وٺڻ گهرجي.
(ملفوظات امیرِاہلِ سنت ، 463/6)

سُوال: جڏهن مان وضو ڪندو آهيان ته مون کي هن طرح جو وهم ايندو آهي ته فلاڻي جڳهه خشڪ رهجي وئي آهي جنهن جي ڪري منهنجي نماز نه ٿيندي لهٰذا مان ان وهم کي دور ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي ان عضو کي هرهر ڌوئندو آهيان جنهن سان پاڻي گهڻو ضايع ٿي ويندو آهي. برائي ڪرم ان باري ۾ رهنمائي فرمائيندا.

جواب: دَراصل وَسوَسن جي پيروي ڪرڻ شيطان جي اطاعت آهي. اهڙي طرح ڪرڻ سان شيطان جو مقصد به پوري ٿي ويندو آهي لهٰذا وسوسن کي پچايو ۽ سنّت جي مطابق ٽي ڀيرا پنهنجا عضوا ڌوئي ڇڏيو.

جيڪڏهن واقعي ڪنفرم آهي تہ ڪنهن عضوي جو حصو سڪل رهجي ويو آهي تہ هاڻي ان کي بيهر ڌوئي ڇڏيو. جڏهن توهان وضو جي عضون تي پاڻي وهندو ڏسي رهيا هجو ۽ عضوو بہ آلو ٿيل نظر اچي رهيو آهي ۽ نہ وري عضوو تي اهڙي شيءِ چنبڙيل آهي جيڪا ڳل تائين پاڻي پهچڻ ناهي ڏيندي تہ توهان جي وضو جا عضوا ڌوپجي ويا آهن. وضو ۾ ڪل جو اندريو حصو ڌوئڻو ناهي هوندو بلڪ ڪل جو مٿانهو حصو ڌوئڻو هوندو آهي ۽ ان ۾ ڪل جا وار ڌوئڻ بہ شامل آهن. توهان کي اهڙي طرح ذهن ناهي هلڻو پوندو نہ تہ توهان پاڻ سمجهو ٿا تہ اهو وهم آهي جنهن جي پيروي ڪرڻ اِحتياط نہ بلڪ شيطان جي اِتباع آهي لهٰذا توهان کي وهم تي عمل ڪرڻ کان بچڻ گهرجي. الله ڪريم توهان کي وسوسن کان نجات عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(ملفوظات اميراہلِ سنت ، 464/6)

سوال: روزو ٽٽڻ جي خوف کان وضو ڪندي گرڙي نہ ڪرڻ يا نڪ ۾ پاڻي نہ چاڙهڻ ڪيئن آهي.؟ **(سائله: زينب عطاريه)**

جواب: وضو ۾ نڪ جي نرم هڏيءَ تائين پاڻي پهچائڻ ۽ چڱي طرح صاف ڪرڻ ۽ نڙي جي پاڙ تائين پاڻي پهچائڻ سنّت مُؤکَّده آهي. ايئن ئي وضو ۾ ٽي ٽي ڀيرا عضوا ڌوئڻ بہ سنّت آهي. (در مختار مع رد المحتار، 253/1) لهٰذا گرڙي نہ ڪرڻ يا نڪ ۾ پاڻي نہ چڙهائڻ سان وضو جو فرض تہ ادا ٿي ويندو، پر ان جون سنّتون رهجي وينديون ۽ جيڪڏهن غسل ۾ گرڙي ڪرڻ يا نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ ڇڏي ڏنو تہ غسل ئي نہ ٿيندو، ڇوتہ غسل ۾ هي فرض آهي.(در مختار، 311/1) لهٰذا احتياط سان گرڙي بہ ڪيو ۽ نڪ ۾ پاڻي بہ چاڙهيو، نہ تہ ايئن نہ ٿئي جو روزي بچائڻ جي خيال ۾ وضو ۽ غسل ئي ضايع ڪري ڇڏيو!. (ملفوظات اميراہلِ سنت ،قسط نمبر156، ص 12)

سُوال: منهنجي والده جي شهادت واري آڱر ڪٽيل آهي جڏهن اها وضو جي لاءِ ٻڪ ۾ پاڻي ڪڍندي آهي ته اهو پاڻي وهي ويندو آهي، ته ڇا اها ڪابي هٿ سان گرڙي ۽ نڪ ۾ پاڻي وجهي سگهي ٿي؟

جواب: عذر هجي ته ايئن ڪري سگهجي ٿي.

(ملفوظات اميرِاہلِ سنت، قسط نمبر 182، ص 9)

سُوال: ڇا وضو کان بغير اَذان ڏئي سگهجي ٿي؟

جواب: بهتر اهو ئي آهي ته وضو ڪري اَذان ڏني وڃي.[1]

(ملفوظات اميرِاہلِ سنت، قسط نمبر 182،ص5)

سوال: جيڪڏهن ڪو شخص وهنجڻ کان پوءِ وضو ڪرڻ واري کي ڏسي ڪري چئي "هي جهالت جي نشاني آهي" ته اُن جو ايئن چوڻ ڪيئن آهي؟

جواب: پورو غسل ڪرڻ سان وضو به ٿي ويندو آهي پيهر وضو ڪرڻ ضروري ناهي. (مرا ة المناجيح، 256/2) لهٰذا جنهن غسل ڪرڻ کان پوءِ اهو سوچي ڪري وضو ڪيو ته غسل ڪرڻ سان وضو ناهي ٿيندو ته اهو معلومات جي ڪمي جو نتيجو آهي ۽ ان ڪري ان جي عمل کي "جهالت" چوڻ درست آهي، پر مطلقاً ڪنهن کي ايئن چوڻ سان ان جي دل ڏکندي، لهٰذا ڪنهن مسلمان کي ايئن نه چوڻ گهرجي، بلڪ سهڻي انداز سان دُرُست مسئلو ٻڌائڻ گهرجي مثلاً جڏهن توهان پورو غسل ڪري چڏيو آهي ته

---

2... بنا وضو واري جي اذان صحيح آهي ، (درمختار، 75/2) پر بنا وضوءَ جي اذان ڏيڻ مڪروه آهي. (حاشيه الطحطاوی علی مراقی الفلاح، ص 199) فتاوٰي رضويہ شريف ۾ آهي: بنا وضو جي اذان جائز آهي هن جي معنٰي هيءَ آهي ته اذان ٿي ويندي پر ايئن نه ڪرڻ گهرجي، حديثِ پاڪ ۾ هن جي مُمانعت آئي آهي.

(فتاوٰی رضويہ، 373/5)

غسل سان گڏو گڏ توهان جو وضو بہ ٿي چڪو آهي، لهٰذا توهان کي غسل کان پوءِ وضو ڪرڻ جي حاجت ناهي. (ملفوظات اميرِاہلِ سنت ،قسط نمبر178، ص 8)

سُوال: ڇا جوئون مارڻ سان وُضو ٽٽي پوندو آهي؟

(سوشل ميڊيا جي ذريعي سُوال)

جواب: جوئون مارڻ، ايئن ئي ٻڪر ذبح ڪرڻ سان وُضو ناهي ٽٽندو. نَعُوۡذُباللّٰه جيڪڏهن ڪو باوضو ڪنهن ماڻهوءَ کي قتل ڪري ڇڏي تہ ان سان بہ وُضو نہ ٽٽندو. ڪنهن کي مارڻ ڪُٽڻ سان وُضو ناهي ٽٽندو.
(ملفوظات اميرِاہلِ سنت، قسط نمبر248، ص 24)

سُوال: تسبيح جي داڻن تي لفظ ”اللّٰه“ ۽ ”محمد“ لکيل هجي تہ ان کي بي وُضو يا ناپاڪي جي حالت ۾ ڇُهي سگهجي ٿو؟

جواب: اهڙي تسبيح کي بي وُضو ڇُهڻ جائز آهي، پر ان جي ڪيسي ۾ هوندي واش روم بہ وڃڻو پئجي سگهجي ٿو يا ميرا هٿ ان تي لڳي سگهجن ٿا. تہ بهتر اهو ئي آهي تہ اهڙي تسبيح نہ رکڻ گهرجي، جيڪڏهن آهي تہ ان کي گهر ۾ ڪنهن ڪوڪي تي لٽڪائي ڇڏيو ۽ جڏهن گهر ۾ هجو تہ ان تي وظيفو وغيره پڙهي وٺو، تہ جيئن ڪنهن قسم جي بي ادبي نہ ٿئي. پر پوءِ بہ جڏهن انهن جي داڻن تي بار بار آڱر لڳندي تہ ان جي لکائي جو اثر هٿ تي ايندو رهندو ۽ جڏهن توهان هٿ ڌوئندو تہ اها مس ڪاٽي ويندي توهان سمجهي سگهو ٿا. لهٰذا اهڙي تسبيح جي پروڊڪشن ئي نہ ڪئي وڃي، ليڪن اسان جي لاءِ ان کي روڪڻ مشڪل آهي، لهٰذا اسان ان کي وٺڻ ئي ڇڏي ڏيون. ها جيڪڏهن تحفي ۾ ملي هجي تہ ان کي ضايع نہ ڪيو وڃي، بلڪ احتياط سان استعمال ڪيو وڃي، باادب بانصيب. (ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 364/5)

سُوال: گنج پن جو شڪار ڪجھ ماڻھو هٽرادو وار لڳرائيندا آهن، ڇا ان سان وضو ۽ نماز ٿي ويندي آهي؟ (وسيم رضا عطاري. ٽوبه دارالسلام)

جواب: جيڪڏھن ”هٽرادو وار“ اهڙا آهن جنھن کي لاهي ڪري وضو ۾ مسح ڪري سگهجي ٿو ته پوءِ ان کي لاهڻ ضروري آهي. جيڪڏھن ”هٽرادو وارن جي وِگ“ اهڙي آهي جيڪا چنبڙيل آهي ۽ ان کي لاهڻ ممڪن نه آهي ته اهڙي صورت ۾ وضو جي دوران مٿان ئي مسح ڪيو وڃي ۽ غسل ۾ به مٿان ئي ڏوئي ڇڏجي. [1] (ملفوظات اميراہِلِ سنت، 266/5)

سُوال: ڇا وُضو ڪندي ئي نماز پڙهي وٺڻ تحيةُ الوُضُو جي قائم مقام ٿي ويندي؟ وڏيڪ هن سان نفل جو ثواب ملندو يا نه؟

جواب: جيڪڏھن مڪروه وقت نه هجي ته ”تحيةُ الوُضو“ پڙهي ڇڏي جو ته تحيةُ الوُضو ۾ افضل هي آهي ته ان وقت پڙهي وجي جڏھن وضو جي آلاڻ باقي هجي. (فتاوىٰ ہندية، 8/1) [2]

(ملفوظات اميراہِلِ سنت ، 227/6)

سُوال: سنتون پڙهڻ کان پوءِ جيڪڏھن وضو ٽٽي پوي ته وضو ڪرڻ کان پوءِ ٻيهر اهي سنتون پڙهيون پونديون يا اهي ئي سنتون ڪافي آهن. ؟ (سائل: خالد محمود عطاري، قصور پنجاب)

---

1 ... انساني وارن جي هٽرادو ”وگ“ استعمال ڪرڻ يا انهن وارن جي پيوند ڪاري ڪرڻ حرام آهي. البت جيڪڏھن مصنوعي وار هجن يا ڪنهن اهڙي جانور جا وار هجن جو اهو نُجس العين نه هجي ته انهن وارن جو لڳرائڻ جائز آهي. (شعبه ملفوظاتِ اميرِ اَہلِ سُنّت)

2...سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جيڪو شخص چڱي طرح وضو ڪري ۽ ظاهر ۽ باطن سان متوجھ ٿي ڪري ٻه رڪعتون پڙهي، ان جي لاءِ جنّت واجب ٿي ويندي آهي. (مسلم، ص 118، حديث: 553) بهارِ شريعت جلد اوّل صفحو نمبر 675 تي آهي: وضو کان پوءِ عضوا خشڪ ٿيڻ کان پهريان ٻه رڪعتون نماز پڙهڻ مستحب آهي. (تنوير الابصار مع درمختار، 563/2) وضو کان بعد فرض وغيره پڙهي ته تحيةُ الْوضو جي قائم مقام ٿي ويندا. (ردالمحتار، 563/2)

جواب: اهي ٽي سنتون ڪافي آهن. (ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 218/6)

سُوال: ڇا وُضو ڪندي بہ پاڻي ضايع ٿي سگهي ٿو؟

جواب: جي ها! جيڪڏهن ڪو شخص نفل نماز جي لاءِ وضو ڪري رهيو آهي يا هونئن ئي باوضو رهڻ جي لاءِ وُضو ڪري رهيو آهي پلي ڪٽي هي هڪ مُسْتَحَب ڪم آهي ان تي ثواب ملندو ۽ نہ ڪرڻ تي ڪو گناهہ نہ ٿيندو، جيڪڏهن هي وُضو ڪرڻ جي لاءِ وينو ۽ پهريان نل کولي پوءِ ٻانهو چاڙهي ان کان پوءِ مِسواڪ منهن ۾ وجهي چٻاڙي نل هينان ڌوئندو رهي ۽ انهيءَ دوران مسلسل پاڻي وهندو رهي تہ ان کي پاڻي جو اسراف ئي چيو ويندو. مون ڪيترن ئي ماڻهن کي دورانِ وُضو اڻ ڳُڻ پاڻي وهائيندي ڏٺو آهي، ڪجھ ماڻهو تہ اهڙا بہ هوندا آهن جن کي پاڻي ضايع ٿيڻ جو احساس ئي ناهي ٿيندو، جيڪڏهن انهن کي سمجهيايو وڃي جناب! دَورانِ وُضو نل ٿورو کوليو تہ شايد انهن کي اهو بہ معلوم نہ هجي تہ ٿورو نل کولڻ ڪنهن کي چوندا آهن ۽ وڏيڪ ڪنهن کي! ها انهن کي پيسن جي ضرور خبر هوندي تہ ٿورا ڪنهن کي چوندا آهن ۽ وڏيڪ ڪنهن کي! حالانڪ پاڻي پئسن کا وڏيڪ قيمتي آهي. پاڻي جي قيمت سمجهڻي آهي تہ هيئن تصور ڪيو تہ توهان ڪنهن ويراني ۾ آهيو ۽ توهان وٽ هڪ سون جي سِرَ بہ آهي پر پاڻي نہ آهي ۽ توهان کي سخت اُڃ لڳي رهي آهي جنهن جي ڪري توهان جي جان وڃڻ جو خطرو آهي. هاڻي توهان جان بچائڻ جي لاءِ سون جي سِر ڏئي بہ پاڻي وٺڻ جي ڪوشش ڪندؤ تہ ڪير هيءَ سر وني ۽ بدلي ۾ هڪ گلاس بلڪ اڌ گلاس پاڻي پياري تہ جيئن مان پنهنجي جان بچائي ونان. (ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 17/5)

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ ڪجھ ماڻهو حاضر ٿيا ڪنهن پيئڻ لاءِ پاڻي ورتو ۽ پي ڪري اڌ گلاس هاري ڇڏيو. ان جو مطلب آهي پاڻي بچائي ڪري هارڻ جي بيماري ڪافي پراڻي آهي، اڄڪلهه بہ ماڻهو ٿورو پاڻي پي ڪري هاري ڇڏيندا آهن. بهرحال اُن جي پاڻي هارڻ تي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مَدَني گُل ڏيندي سمجهايو ۽ هڪ واقعو بيان فرمايو: هارون رشيد جي خدمت ۾ عُلماءِ ڪرام موجود هوندا هئا، هڪ ڏينهن هارون رشيد ڪي اُڃ لڳي پيئڻ لاءِ پاڻي گهرايو، پيئڻ چاهن پيا تہ هڪ عالم صاحب فرمايو: بيهو! پهريان اهو ٻڌايو تہ جيڪڏهن توهان ڪنهن چٽيل ميدان يا ڪنهن جهنگل و بيابان ۾ هجو ۽ اهڙي اُڃ لڳي جهڙي هِن وقت لڳي رهي آهي پر پيئڻ لاءِ پاڻي نہ ملي رهيو هجي ۽ توهان جي موت واقع ٿيڻ واري هجي تہ اهو پاڻي توهان ڪيتري قيمت ڏئي خريد ڪندؤ؟ هارون رشيد چيو: اڌ سلطنت يعني اڌ حڪومت ڏئي ڪري پاڻي وٺندس ۽ پنهنجي جان بچائيندس. جواب ٻڌي ڪري اُن عالِم صاحب چيو پاڻي پي وٺو، جڏهن هارون رشيد پاڻي پي ورتو تہ عالم صاحب وري فرمايو: جيڪو پاڻي توهان هاڻي پيتو آهي جيڪڏهن اندر ئي رهجي وڃي ۽ پيشاب جي ذريعي ٻاهر نہ نڪري ۽ توهان جي موت واقع ٿيڻ واري هجي تہ ان جي علاج تي ڪيترو خرچ ڪرڻ لاءِ تيار هوندؤ؟ هارون رشيد جواب ڏنو: مون کي پنهنجي پوري سلطنت بہ ڏيڻي پئجي وڃي تہ مان ڏئي ڇڏيان ۽ پنهنجي جان بچايان. اُن عالِم صاحب فرمايو: بادشاهه سلامت! توهان پنهنجي هن حڪومت تي جيترو چاهيو ناز ڪيو ان جي قيمت اها آهي تہ هڪ پيرو پاڻي جي گلاس تي اڌ وڪامجي وڃي ۽ ٻئي پيري علاج تي پوري وڪامجي وڃي. (ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت ،ص 375-376۔ تاريخ الخلفاء، ص 293 ملخصاً)

واقعي پاڻي جو قدر اُتي هوندو آهي جتي پاڻي جي قلت هجي، اسان کي الله پاڪ جي نعمتن جو قدر ناهي. پاڻي جي هڪ هڪ ڦڙي جو حساب ڏيڻو آهي لهٰذا جڏهن بہ وُضو ڪرڻ لڳو تہ نل ايترو کوليو جيتري ضرورت آهي، گهڻو کولڻ ۽ پاڻي ضايع ڪندي رهڻ خطرناڪ آهي ۽ وري مسجد ۽ مدرسي جو پاڻي جيڪو وقف جو هوندو آهي ان کي ضايع ڪرڻ اڃان بہ وڌيڪ سخت آهي، ان جا مسائل بہ گهڻا آهن، ٿئي سگهي ٿو ماڻهو پنهنجي گهرن ۾ پاڻي گهٽ خرچ ڪندا هجن مسجد ۾ گهڻو خرچ ڪندا هجن. گهر ۾ جڏهن وهنجندا هوندا تہ شاور جي ذريعي گهڻو پاڻي ضايع ڪندا هجن ڪنهن کي ڪهڙي خبر!

(ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 18/5 )

سُوال: ڪهڙين هستين جو ننڊ سان وُضو ناهي ٽٽندو؟ جيڪڏهن اسان وُضو ڪري سمهون تہ فجر ۾ اٿڻ تائين اسان جو وُضو باقي رهندو؟

جواب: اَنبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جو وُضو سمهڻ سان ناهي ٽٽندو ڇو تہ انهن جون اکيون سمهنديون آهن دليون جاڳنديون آهن.

(بخاری، 297/1، حديث: 857ماخوذاً)

باقي عام ماڻهن جي سمهڻ سان وُضو ٽٽي پوندو آهي پر ننڊ سان وُضو ٽٽڻ جون ڪي شرطون آهن جيئن ڪهڙي طرح ستو؟ غافل هيو يا نہ؟ سُرين(ويهڻ واري جڳهہ) جميل هئي يا نہ؟جيڪڏهن سُرين زمين تي چڱي طرح جميل هئي ۽ اک لڳي وئي جيئن ڪرسي تي ويٺي ويٺي ننڊ اچي وئي تہ وُضو نہ ٽٽندو ۽ سرين جميل ناهي تہ وُضو ڀڄي پوندو ان جو مڪمل تفصيل "**نماز جا احڪام**" ڪتاب ۾ موجود "وُضو جو طريقو" نالي رسالي ۾ آهي. (اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي پرسان وينل مفتي صاحب فرمايو:) جيڪڏهن ڪو اهڙي حالت ۾ ستو پيو آهي

جيڪا ننڍّ اچڻ ۾ رڪاوٽ آهي جيئن بيني بيني سمهي پيو ان ۾ جيتوڻيڪ سرين ناهي جميل پوءِ به وُضو نه ٽٽندو.

(فتاویٰ رضويہ، 488/1، جز: الف ماخوذاً۔ ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 478/1)

سُوال: منهنجو شوبز سان تعلق آهي. اسان اَلحمدُلِلّٰه پنج وقت جي نماز پڙهندا آهيون. جيڪڏهن وُضو جي حالت ۾ ايڪٽنگ ڪئي ته اُنهيءَ وُضو سان نماز پڙهي سگهون ٿا؟ ٻيو سُوال هي آهي ته ماٺهو هلندي ڦرندي گاريون ڏيندا آهن، بُرا لفظ ۽ ڪوڙ ڳالهائيندا آهن، اَلحمدُلِلّٰه هوندا ته مسلمان آهن پر انهن کي اهو خيال ناهي هوندو ته هي ڪيترو وڏو گناهه آهي. توهان ان باري ۾ ڪجهه ارشاد فرمايو.

(عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي آيل هڪ فلمي ايڪٽر جو سُوال)

جواب: اها سٺي ڳالهه آهي جو ايڪٽنگ کي بُرو ٿا سمجهو ته هيءَ ڪاٿي وُضو ته نه ٽوڙي وجهندي؟ ته همٿ ڪري ايڪٽنگ جي بُري ڪم کي ئي ڇڏي ڏيو ته جيئن نه رهي باس نه وڄي بانسري. بهرحال ايڪٽنگ سان وُضو ناهي ٽٽندو. رهي ڳالهه ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ گاريون ڏيڻ جي ته اهي ڳالهيون بدقسمتي سان اسان جي معاشري جو هاڻي حصو بڻجي چڪيون آهن حالانڪ هي گناهه جا ڪم آهن لهٰذا مسلمانن کي ڪوڙ نه ڳالهائڻ گهرجي، گار نه ڏيڻ گهرجي ۽ غيبت نه ڪرڻ گهرجي، اهڙي طرح بدگماني، واعدي خلافي جهڙن گناهن سان مسلمانن کي بچائڻ گهرجي.(1) ( ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 84/6)

1...ڪوڙ، غيبت، ٺهڪ، (لغو) شعر، اُٺ جو گوشت کائڻ ۽ هر گناهه کان بعد وضو ڪرڻ مستحب آهي. (درمختار، 206/1)

سُوال: جيڪڏهن ٽينڪي[1] ۾ ڏيڏر ڪِري پئي تہ ان جو پاڻي وُضو ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻ جائز هوندو؟ (SMSجي ذريعي سُوال)

جواب: ”فتاويٰ امجديہ“ جلد اوّل صفحو نمبر20 تي آهي: پاڻي جو ڏيڏر بلڪ خشڪي جو بہ، جڏهن تمام وڏو نہ هجي جنهن ۾ خونِ سائل (يعني وهندڙ رت) هوندو آهي، جيڪڏهن کوهہ ۾ مري وڃي يا مئل ڪري پوي بلڪ ڦوڪجي ڦاٽي پوي تڏهن بہ پاڻي پاڪ آهي ۽ اُن سان وُضو ۽ غسل جائز آهي. پر جڏهن ذرو ذرو (يعني باريڪ باريڪ) ٿي ڪري ان جا ٽڪڙا پاڻي ۾ ملي وڃن تہ اهو پاڻي پيئڻ حرام آهي، ۽ اگر خشڪي جو وڏو ڏيڏر جنهن ۾ خونِ سائل (يعني وهندڙ رت) هجي، پاڻي ۾ مري وڃي تہ نجس (يعني ناپاڪ) ٿي ويندو. (ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 342/4)

سُوال: ڇا بغير وُضو دُرود پاڪ پڙهي سگهون ٿا؟

جواب: بغير وضو جي دُرودِ پاڪ پڙهي سگهجي ٿو. ”قرآنِ پاڪ جي تلاوت بہ ڪري سگهجي ٿي جيتوڻيڪ بغير وضو قرآنِ پاڪ کي ڇُهي نٿو سگهجي. (ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 475/2)

سُوال: گهمندي ڦرندي، چپل پائي ڪري يا بي وُضو قرآنِ پاڪ پڙهڻ ڪيئن آهي؟

جواب: بي وُضو قرآنِ ڪريم پڙهڻ جائز آهي پر قرآنِ ڪريم کي بي وُضو ڇُهڻ جائز نہ آهي. (در مختار مع رد المحتار، 348/1) پڻ چپل پائي ڪري قرآن ڪَريم پڙهڻ ۾ حرج نہ آهي. (ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 511/3)

---

1…لوهہ يا پلاسٽڪ جي پيتي جنهن ۾ پاڻي اسٽاڪ ڪيو ويندو آهي

سُوال: بصر ڪٽڻ وقت جيڪي ڳوڙها نڪرندا آهن ڇا انهن سان وُضو ناهي ٽٽندو ؟ ۽ اهي ڳوڙها جيڪڏهن ڪپڙن تي ڪري پون ته ڇا ڪپڙو به ناپاڪ ٿي ويندو آهي؟

جواب: بصر ڪٽڻ وقت جيڪي ڳوڙها نڪرندا آهن پاڪ هوندا آهن، انهن سان وُضو ناهي ٽٽندو ۽ نه ئي ڪپڙو ناپاڪ ٿيندو آهي.
(ملفوظات اميراہلِ سنت ، 463/3)

سوال: اڄڪلهه جيڪا مېندي لڳائي ويندي آهي اها هڪ ڏينهن ۾ هٽن تان گلون بڻجي ڪري لهڻ شروع ٿي ويندي آهي ته ڇا ان کي لڳائي ڪري وضو ۽ غسل ٿي ويندو آهي؟

جواب: جنهن مينديءَ جي ڪَلَ هٿ پير تي جمي ويندي آهي اهڙي مېندي نه لڳايو ڇوجو جيستائين اها چنبڙيل رهندي وضو نه ٿيندو ته نماز به نه ٿيندي. اهڙي طرح جيڪڏهن فرض غسل ڪيو ته غسل به نه لهندو لهٰذا اهڙي مېندي لڳائي وڃي جنهن جي ڪَلَ نه چنبڙندي هجي. جيڪا مېندي اسان ڏاڙهيءَ تي لڳائيندا آهيون ان جي ڪَلَ ناهي جمندي ۽ جيڪا عورتون لڳائينديون آهن ان جي ڪلَ جمندي آهي ان ڪري ڏاڙهي تي مېندي لڳائڻ وارو ان کي ڪڏهن به نه لڳائيندو.

(اميرِ اهل سنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي پرسان ويٺل مفتي صاحب فرمايو:) پهرين پيري جي ڪلَ ته هر مينديءَ جي جمندي آهي ۽ اها لهي به ويندي آهي پر ڪيميڪل واريون ڪوڙ ڪُون مېنديون اهڙيون هونديون آهن جو انهن کي لڳائڻ کان بعد جڏهن به هٿ ڌوتا وڃن ته ان کان بعد ڪلر نظر اچي رهيو هوندو آهي جيڪو ظاهري طور ڪلر لڳندو آهي پر جڏهن عورتون ٿانوَ ڌوئينديون آهن يا هونئن ئي هٿ ڌوئينديون رهنديون آهن

تہ اها سنهي ڪلَ جي صورت ۾ لهندي آهي تہ هن طرح جون ميندين لڳائڻ سان وضوءَ جا مسائل ٿيندا آهن ۽ اهڙين ميندين جي باري ۾ دارالافتاء اهلسنّت جي فتوٰي **”شيطان جا ڪجھ هٿيار“** نالي رسالي جي آخري صفحن تي موجود آهي. عورتن کي ميندي لڳائڻ جو شوق هوندو آهي ۽ ان جي لاءِ اهي باقاعده اهتمام ڪنديون آهن تہ انهن کي بنا ڪيميڪل واري اهڙي ميندي لڳائڻ گهرجي جنهن جي ڪلَ نہ جمي.

(اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جن ارشاد فرمايو:) **اجڪلھ ترقي گهٽي تي** وئي آهي نہ تہ ڪنهن دور ۾ ڇوڪريون سنهي ميندي ٺاهي ڪري پاڻ ۾ هڪبئي جي هٿن تي تيلي سان گُلَ وغيره ٺاهينديون هيون ۽ ان دور ۾ ميندي جا مسائل نہ هئا بس ميندي لڳائڻ کان بعد هٿ ڌوئينديون هيون تہ رنگ نڪري ايندو هو، ميندي جو رنگ گهرو (چِٽو) نڪري ان جي لاءِ بار بار پنهنجون مُٺيون کولينديون ۽ بند ڪنديون هيون ۽ ڪجھ تہ رات جو ميندي لڳائي ڪري ان کي ڪپڙي سان ٻڌي ڇڏينديون هيون ۽ ايئن ميندي جو رنگ گهرو نڪرندو هو. هاڻي ماڻهو چون ٿا تہ مهانگائي وڌي وئي آهي پر ميندي تي جيڪو ايڏو اَجايو خرچ ڪن ٿا ان جي طرف توجه ئي نٿا ڏين جڏهن تہ پهريان مينديءَ تي ايڏو خرچ ڪرڻ جو تصور ئي نہ هو. هاڻي بہ نارمل ميندي ملي سگهي ٿي پر ان کي ناهڻ ۾ ايڏي محنت ڪيئن ڪنديون پهريان ان ڪري محنت ڪنديون هيون جو هن جهڙيون ڪُون ميندون نہ ملنديون هيون هاڻي چوتہ آساني سان ملي وڃن ٿيون ۽ خوفِ خدا بہ گهٽ ٿي ويو آهي تہ ان ڪري عورتون هي ميندون استعمال ڪري وٺنديون آهن. بهرحال مون ميندي جو مسئلو دارالافتا اهلسنّت جي فتوٰي جي روشنيءَ ۾ بيان ڪيو آهي

چوته اهڙي ميندي نه لڳائڻ گهرجي جيڪا سنهي ڪَل تي ڪري لهندي آهي. (ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 47/3)

سوال: ڇا ڊرپ لڳرائڻ سان وضو ٽُٽي پوندو آهي؟

جواب: جيڪڏهن ڊرپ لڳرائڻ سان ان ۾ رت مٿي چڪجي آيو ته وضو ٽُٽي پوندو ۽ جيڪڏهن رت نه چڙهيو ته وضو نه ٽُٽندو. جيڪڏهن انجيڪشن لڳرائڻ ۾ ايتري رت نڪري آئي جو وهي ويندي ته وضو ٽُٽي پوندو نه ته انجيڪشن لڳائڻ سان به وضو نه ٽُٽندو البت جيڪڏهن ٽيسٽ ڪرائڻ جي لاءِ رت ڪڍرائي ته وضو ٽُٽي پوندو. شوگر ٽيسٽ ڪرڻ جي لاءِ آڱر تي سُئي هڻندا آهن ته رت وهندي ناهي صرف اڀرندي آهي ته اڀرڻ سان وضو نه ٽُٽندو البت جيڪڏهن ايتري آهي جو ان کي نه اگهندو ته وهي ويندي ته هاڻي وضو ٽُٽي پوندو.

(اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ويجهو وينل مفتي صاحب جن فرمايو:) اصول هي آهي ته جتان رت نڪتي آهي جيڪڏهن ان جڳهه تان نڪري ڪري اهڙي جڳهه تي وهي وئي جنهن جو وضو يا غسل ۾ ڌوئڻ فرض آهي ته ان صورت ۾ وضو ٽُٽي پوندو. (فتاویٰ ہندیہ ، 10/1)

(اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن فرمايو:) هتي اصول ئي بيان ڪري سگهجي ٿو چوته شوگر ٽيسٽ ۾ ڪنهن جي رت معمولي اڀرندي آهي ۽ ڪنهن جي ايتري جو سُئي تڇ ڪرڻ سان ئي نڪري پوندي آهي.

(ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 43/3)

سوال: ڇا واش روم ۾ هٿ ڌوئڻ وقت دعا يا دُرودِ پاڪ پڙهي سگهون ٿا؟

جواب: اتيج باٿ يعني جتي حمّام سان گڏ ئيW.C نظر اچي رهيو

هوندو آهي ان جڳھ تي ڪجھ بہ نہ ٿا پڙهي سگهون. وضو ڪنداسين تہ ڪجھ بہ نہ پڙهنداسين لھٰذا وضو کان پھريان بِسۡمِ الله شريف يا جيڪو بہ پڙهڻو آهي ٻاهر ئي پڙهي وٺو پوءِ اندر وڃي ڪري خاموشي سان وضو ڪريو. (ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 134/3)

(هڪ ٻئي مدني مذاڪري ۾ فرمايائون تہ) **اڄڪلھ** پيسن وارن ماڻھن جي گھرن ۾ سھولتن جو پورو انتظام هوندو آهي ۽ زبردست ڊيڪوريشن هوندي آهي. اهڙي طرح مُتَوَسِّط يعني وچولي طبقي جي گھرن ۾ جيڪي صرف نالي جا غريب هوندا آهن انهن جي گھرن ۾ بہ ڊيڪوريشن ۽ سجاوٽون هونديون آهن پر وضو خانو ناهي هوندو. دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ماڻھن مان بہ ڪنهن ڪنهن جي گھر ۾ وضو خاني جو اهتمام هوندو آهي حالانڪ گھرن ۾ وضو خانو ٺاهڻ جي ڪيئي ڀيرا ترغيب ڏياري وئي آهي ۽ رهنمائي جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ڪيل **"وضوءِ جو طريقو"** نالي رسالي ۾ وضو خاني جو نقشو بہ ڇاپيو ويو آهي. عام طور تي گھرن ۾ بيسن تي وضو ڪيو ويندو آهي ۽ بيسن واش روم سان گڏ نهيل هوندو آهي. ياد رهي! جيڪڏهن بيسن واش روم سان گڏ ئي نهيل هجي تہ وضو ڪندي "يا قَادِرُ" ۽ وضو ڪرڻ کان پھريان بِسۡمِ الله نہ ٿا پڙهي سگهون. ڇوتہ وضو کان پھريان "بِسۡمِ الله" پڙهڻ مستحب آهي ۽ صرف الله پاڪ جو نالو وٺڻ سُنَّتِ مُؤَکَّدہ آهي. (بحرالرائق، 39/1۔حاشية الطحطاوى على مراقى الفلاح، ص 67) ان ڪري واش روم ۾ لڳل بيسن تي وضو ڪرڻ جي سبب جيڪڏهن ان کي ڇڏڻ جي عادت ٺاهينداسين تہ گناهگار ٿي وينداسين لھٰذا اهڙي صورت ۾ "بِسۡمِ الله" پڙهڻ جي لاءِ واش روم کان ٻاهر نڪرڻ ضروري ٿي ويندو. (ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 213/1)

سوال: جيڪڏهن اسان کي خبر نہ هجي تہ اسان جو وضو آهي يا نہ تہ ڇا هاڻي اسان نماز جي لاءِ وضو ڪنداسين؟ (SMS جي ذريعي سوال)

جواب: جيڪڏهن هيءُ خبر آهي تہ وضو ڪيو هو ۽ هاڻي وضو ٽُٽڻ جو اهڙو يقين آهي جو قسم کڻي ڪري ھي چئي سگهي تہ منهنجو وضو ٽُٽي پيو آهي تہ اهڙي صورت ۾ نماز جي لاءِ وضو ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن ان ڳالھ ۾ شڪ آهي تہ وضو ڪيو هو يا نہ تہ هاڻي وضو ڪرڻو پوندو. (درمختار، 310/1) البت جيڪڏهن وضو ڪرڻ تہ ياد آهي پر هي وسوسو آيو تہ وضو ڪرڻ کي گهڻي دير ٿي وئي آهي وضو ٽُٽي پيو هوندو تہ هن طرح وضو نہ ٽُٽندو. (بہارِ شريعت، 311/1، حصہ: 2۔ ملفوظات اميراہلِ سنت ،360/3)

سوال: هڪ اسلامي ڀاء اک جو آپريشن ڪرايو تہ هاڻي آپريشن کان بعد ان جي اک مان لڙڪ يا جيڪا دَوا وڌي ويندي آهي اها نڪري ۽ ڪپڙن تي ڪِري پئي تہ ڇا ڪپڙا ناپاڪ ٿي ويندا ۽ وضو ٽُٽي پوندو؟

جواب: جيڪڏهن پاڪ دوا اکين ۾ وڌي ۽ اها ڪري پئي تہ اها پاڪ آهي. سورَ واري اک جو ڳوڙهو جيستائين اک جي دائري جي اندر آهي پاڪ آهي ۽ ان سان وضو بہ ناهي ٽُٽندو پر جڏهن هي دائرو ٽوڙي ڪري ٻاهر نڪرندو تڏهن وضو بہ ٽُٽي پوندو ۽ هي ڳوڙهو بہ ناپاڪ آهي جڏهن تہ بيماريءَ جي ڪري نڪتو هجي. بهرحال سورَ واري اک مان بيماريءَ جي ڪري جيڪو ڳوڙهو ڪرندو آهي اهو ناپاڪ آهي ۽ وضو ٽوڙيندو آهي. (ملفوظات اميراہلِ سنت ، 360/3)

سوال: ويهي وضو ڪرڻ ڪيئن؟ (Facebook جي ذريعي سُوال)

جواب: جائز آهي، پر مستحب هي آهي تہ ويهي ڪري وضو ڪريو.

(بہار شريعت ، 296/1، حصہ: 2) (ملفوظات اميراہلِ سنت ، 488/3)

سوال: پيشاب جي ڦڙن (قطرن) اچڻ جي بيماريءَ جي ڪري ڪيئي نمازون رهجي وينديون آهن، هن مسئلي جو حل ارشاد فرمائيندا.

جواب: طبيب يا مُعالِج سان رجوع ڪريو، هي مسئلو واقعي وڏي آزمائش وارو آهي پر ان جي ڪري نمازن جو رهجي وڃڻ تمام گهڻي افسوس جي ڳالهه آهي جو شريعتِ مطهره هر مسئلي ۾ اسان جي رهنمائي فرمائي آهي پر اسان علمِ دين کان دوري ۽ علم نه هئڻ ڪري ان تي عمل نه ٿا ڪري سگهون ۽ طرح طرح جي پريشانين ۾ مبتلا ٿي ڪري نمازون تائين ڇڏي ڏيندا آهيون. ان مسئلي جي حل جي لاءِ توهان کي پنهنجي ڪيفيت تي غور ڪرڻو پوندو. بار بار قطرو (ڦڙو) ايندو هجي، هوا خارج ٿيندي هجي يا زخم وهندو هجي ته اهڙو بيمار هڪ نماز کان ٻئي نماز تائين مثال طور عصر کان مغرب انتظار ڪري ۽ پنهنجي ڪيفيت تي غور ڪندو رهي ته قطرو يا هوا بيهي وڃي يا زخم آهي ته وهڻ بند ٿئي، هن دوران جيڪڏهن ايتري به مهلت نه ٿي ملي جو هُو وضو ڪري فرض نماز پڙهي سگهي ته هاڻي اهڙو بيمار ”شرعي معذور“ ٿي ويو. هاڻي ان جي باري ۾ حڪم هي آهي ته وضو ڪري ۽ اڳئين نماز جو وقت اچڻ کان پهريان پهريان نماز پڙهي وني توڙي جو ان جا قطره اچي رهيا آهن، هوا خارج ٿي رهي آهي يا زخم وهي رهيو آهي، ان جي ان وقت جي نماز ٿي وئي. هاڻي جيئن ئي مغرب جو وقت ٿيو، ان جو وضو ٽُٽي پيو. هاڻي مغرب جي نماز جي لاءِ نئون وضو ڪري. جڏهن نماز جو وقت ٿي وڃي، ان نماز جي لاءِ وضو ڪري ان نماز کي ادا ڪرڻ کان علاوه جيتريون چاهي قضا نمازون ۽ نوافل وغيره پڙهي سگهي ٿو، جيڪڏهن هڪ نماز جي وقت ۾ هڪ پيرو ئي

قطرو آيو تڏهن بہ معذور ئي رهندو. ها جيڪڏهن هڪ نماز جو پورو وقت هن طرح گذري ويو جو هڪ ڀيرو بہ قطرو نہ آيو تہ هاڻي هو معذور نہ رهيو. پوءِ جيڪڏهن قطرو اچي ٿو تہ بيان ڪيل طريقي تي ٻيهر عمل ڪرڻو پوندو. جنهن کي بہ قطرو ايندو هجي يا ڪو اهڙو عذر هجي جنهن سان بار بار وضو ٽُٽندو هجي ان جو مڪمل طريقو سکڻ جي لاءِ منهنجو ڪتاب ”نماز جا احڪام“ ۾ موجود رسالو ”وضوءَ جو طريقو“ صفحو 42 کان 45 جو مطالعو ڪري. (ملفوظات اميرِاهلِ سنت ، قسط: 137، ص 18)

سوال: جيڪڏهن ٿانوَن تي آيتون لکيل هجن تہ انهن ۾ کاڌو کائي سگهون ٿا؟

جواب: نہ ٿا کائي سگهون. البت باوضو ٿي ڪري شِفا جي نيّت سان انهن ٿانوَن ۾ پاڻي وجهي ڪري پي سگهجي ٿو بنا وضو آيتن کي هٿ نہ ٿا لڳائي سگهون. (ملفوظات اميرِاهلِ سنت ، قسط: 62: ص 4) [1]

سوال: ٽرين ۾ واش روم صاف ناهن هوندا تہ نماز ڪيئن پڙهنداسين؟ وضو ڪيئن ڪنداسين ۽ تيمّم ڪيئن ڪنداسين؟

جواب: ٽرين ۾ واش روم خراب هوندا آهن پر هر وقت خراب ناهن هوندا ايئن تہ گهر جا واش روم بہ خراب ٿيندا رهن ٿا. واش روم جي چؤطرف جيڪو پاڻي ٽڙيل هوندو آهي ان جي ناپاڪ هئڻ جي باري ۾ جيستائين يقيني معلومات نہ هجي اسان ان کي ناپاڪ نہ ٿا چئي

[1] صدر الشريعہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ الله عَليهِ فرمائن ٿا: جنهن ٿانوَ يا گلاس تي سورت يا آيت لکيل هجي ان جو ڇهڻ بہ هن (بنا وضو، حالت جنب ۽ حيض ۽ نفاس واريءَ) کي حرام آهي ۽ هن جو استعمال سيني کي مڪروہ، پر جڏهن تہ خاص شفا جي نيّت سان هجي.
(بهار شريعت، 327/1، حصہ: 2مفهوماً)

سگهون لھٰذا جيڪڏهن وضو ڪرڻ جي ڪا به جڳهه ناهي ته مجبوريءَ ۾ اتي ئي وضو ڪري سگهجي ٿو. غالباً ٽرين جي فرسٽ ڪلاس ۾ واش روم جي ٻاهر جي طرف بيسن به هوندو آهي يا پوءِ شايد مون ٻاهرين ملڪن ۾ ايئن ڏٺو آهي هتان جي خبر ناهي ڇوته مون هتي ڪيئي سالن کان ٽرين جو سفر ناهي ڪيو. بهرحال نماز جي لاءِ وضو ڪرڻو پوندو. ٽرين ۾ به نماز معاف نه ٿيندي ۽ پاڻي موجود هئڻ جي صورت ۾ تيمّم به جائز نه ٿيندو. سفر ۾ ماڻهو پاڻ سان گڏ لوٽو يا ٿانوُ رکي ته جيئن وضو ڪري نماز جو انتظام ڪري سگهي. ياد رکو! جهڙيءَ طرح دائمي بيمارُ جنهن جو دوائن جي بنا گذارو ناهي ٿيندو اهو پاڻ سان گڏ ٽائم ٽو ٽائم دوائون رکندو آهي اهڙيءَ طرح نماز به اسان جي روح جي غذا آهي ته ان جو سچو انتظام ڪري رکڻ گهرجي.

(هن موقع تي رڪن شوڑي فرمايو:) جيڪڏهن ٽرين جي ڪنهن ڏٻي ۾ واش روم صحيح نه هجي ته ڪنهن ٻئي ڏٻي ۾ صحيح واش روم ملي سگهي ٿو ته ايئن ٿوري ڪوشش ڪرڻ سان طهارت جو مسئلو حل ٿي سگهي ٿو.

(امیرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِیَه جن فرمايو:) جيڪڏهن جذبو هجي ته سڀ ڪجهه ٿي سگهي ٿو. جهڙيءَ طرح اسان روزانو ڪاڌو ڪائيندا آهيون ته ان جو پهريان کان انتظام ڪندا آهيون ۽ ان جي لاءِ ڪمائيندا آهيون ايئن ناهي ٿيندو ته ڪاڌي جو ٽائم ٿي ويو ۽ بک لڳي آهي ته هاڻي ڪمائڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ ان کي خريد ڪري پچايو بلڪ ڪير به بک جو انتظار ناهي ڪندو پهريان کان ئي سڀ انتظام ڪيو ويندو آهي جنهن جي ڪري ڪاڌو ٽائم ٽو ٽائم ملي ويندو آهي پر نماز جيڪا سڀ کان اهم ترين عبادت آهي ان جي لاءِ اسان جو پهريان کان ڪو اهتمام ناهي

هوندو نہ تياري هوندي آهي ۽ نہ تياري ڪرڻ جو ذهن هوندو آهي. هي حال بہ انهن ماڻهن جو آهي جيڪي نماز پڙهندا آهن ۽ جيڪي نماز ناهن پڙهندا اهي تہ نماز پڙهندا ئي ناهن حالانڪ ٿيڻ تہ هيئن گهرجي تہ هر وقت ٻانهي تي نماز جو شوق سوار هجي ۽ نماز جو فڪر لڳل هجي تہ نماز جو چا ٿيندو ۽ ان جو اهتمام ڪيئن ٿيندو؟ يعني ٻانهو ڪٿي بہ هجي ان جي دل مسجد ۾ لڳل هجي ۽ مٿو ڪٿي بہ هجي بارگاهِ الاهيءَ ۾ جهڪيل هجي ۽ ڪاش! مسلمان ڪي جهڙو نمازي هئڻ گهرجي الله پاڪ ڪري اسان بہ اهڙا نمازي بڻجي وڃون. (ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 500/2)

سوال: ڇا ٻار کي کير پيارڻ سان عورت جو وضو ٽُٽي پوندو آهي؟

جواب: ٻار کي کير پيارڻ نواقِضِ وضو (يعني اهي شيون جيڪي وضوءَ کي ٽُوڙي ڇڏينديون آهن انهن) مان ناهي لهٰذا ٻار کي کير پيئارڻ سان وضو ناهي ٽُٽندو. (فيضانِ مدنی مذاکره، قسط نمبر 20، ص 39)

سوال: ڇا پاڻي پيئڻ وقت ڏاڙهيءَ ۽ مُڇن جا وار ان ۾ هليا وڃن تہ اهو پاڻي مُستَعمَل ٿي ويندو؟

جواب: جي ها! جيڪڏهن ڏاڙهي ۽ مُڇن جا وار ڌوتل نہ هجن يعني انهن کي ڌوئڻ کان بعد وضو ٽوڙڻ وارو ڪو عمل  پاتو ويو تہ انهن جو پاڻيءَ ۾ پوڻ سان اهو پاڻي مُستعمل ٿي ويندو يعني هاڻي اهو پاڻي وضوءَ جي قابِل نہ رهيو. ”ان جو پيئڻ مڪروهِ تنزيهي آهي“. (فتاویٰ رضويہ، 122/2) البت جيڪڏهن ڪو شخص مُستعمل پاڻي پي وٺي تہ گناهگار نہ ٿيندو. مُستَعمَل پاڻي پاڪ هوندو آهي لهٰذا ان کي اڇلايو نہ وڃي بلڪ هي پاڻي کا بہ شيءِ ڌوئڻ جي لاءِ استعمال ڪيو وڃي. ۽

جيڪڏهن ان پاڻيءَ ۾ ان جي مقدار کان وڌيڪ غيرِ مستعمل پاڻي ملايو وڃي تہ ان جي ملڻ کان بعد مُستعمل پاڻي بہ استعمال جي قابِل ٿي ويندو يعني هاڻي ان کي پيئڻ يا ان سان وضو ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي. (ملفوظاتِ اميرِاہلِ سنت ، 208/1)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰھُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفڪربيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٹ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **اميرِ اهلِ سنّت کان وُضو جي باري ۾ سوال جواب**

ڇاپو پهريون: ذيقعده 1443هه جون2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# ”اميرِ اهلِ سنّت کان وُضو جي باري ۾ سوال جواب“

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست

امیرِ اهلِ سنّت کان وُضو جي باري ۾ سوال جواب ................ 1
دُرود شريف جي فضيلت ................................ 1

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# اميرِ اهلِ سنّت کان وُضو جي باري ۾ سوال جواب

**دعاءِ جانشينِ اميرِ اهلسنت:** ياالله پاڪ! جيڪو بہ 21 صفحن جو رسالو ”وضو جي باري ۾ سوال جواب“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي ظاهري پاڪيزگي سان گڏ باطن جي طهارت نصيب فرماءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ. اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون کي سُوار جي پيالي وانگر نہ بڻايو جو سوار پنهنجي پيالي کي پاڻي سان ڀريندو آهي پوءِ ان کي رکندو آهي ۽ سامان کڻندو آهي، پوءِ جڏهن ان کي پاڻي جي حاجت هوندي آهي تہ ان کي پيئندو آهي، وُضو ڪندو آهي نہ تہ ان کي اڇلي ڇڏيندو آهي، پر مون کي توهان پنهنجي دعا جي اَوّل و آخر ۽ وچ ۾ ياد رکو.
(مجمع الزوائد، 239/10، حديث: 17256)

خدایا واسطہ میٹھے نبی کا شَرف عطار کو حج کا عطا ہو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**سُوال:** ڇا قرآن ڪريم ۾ وضو جي باري ۾ حڪم آيو آهي؟

**جواب:** وضو جي باري ۾ قرآن ڪريم ۾ حڪم موجود آهي جيتوڻيڪ سيپاري 6 سُورة المائده جي آيت نمبر 6 ۾ آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِذَا قُمۡتُمۡ اِلَى الصَّلٰوةِ فَاغۡسِلُوۡا وُجُوۡهَكُمۡ وَ اَيۡدِيَكُمۡ اِلَى الۡمَرَافِقِ وَامۡسَحُوۡا بِرُءُوۡسِكُمۡ وَاَرۡجُلَكُمۡ اِلَى الۡكَعۡبَيۡنِ ؕ (پ6، المائدة : 6)

ترجموکنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! جڏهن توهان نماز لاءِ بيهڻ لڳو تہ پنهنجي چهري کي ۽ پنهنجا هٿ نونن تائين ڌوئو ۽ مٿن جو مسح کيو ۽ پيڏين تائين پير ڌوئو. (ملفوظات اميرِاهلِ سنت، 457/2)

دے شوقِ تلاوت دے ذوقِ عبادت　　رہوں با وُضو میں سدا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

سُوال: بغير وضو نماز پڙهڻ کُفر آهي يا گناهہ؟

جواب: جيڪڏهن جائز سمجهي ڪري بغير وُضو نماز پڙهي يعني هي سمجهي ڪري تہ نماز پڙهڻ جي لاءِ وضو ڪرڻ جي ضرورت ناهي تہ اهو ڪفر آهي(بهارِ شريعت، 282/1، حصہ:2) ۽ جيڪڏهن ڪنهن غلطي سان پڙهي تہ گناهہ بہ ناهي، البتہ وُضو ڪري نماز ٻيهر پڙهڻي پوندي.
(بهارِ شريعت،705/1، حصہ:4 ماخوذاً۔ ملفوظات اميرِاهلِ سنت سنت، 359/3)

سُوال: منهنجي عمر 64 سال آهي ۽ مان هڪ عرصي کان فالج جي مرض ۾ مبتلا آهيان، جنهن جي ڪري هڪ هٿ سان وضو نٿو ڪري سگهان اهو اِرشاد فرمايو تہ مان وُضو ڪيئن ڪيان ۽ منهنجي لاءِ ڪهڙي ڪهڙي رخصت آهي؟ پڻ ڇا مون کي روزو بہ رکڻو پوندو؟
(سهيل مغل، اسلام آباد)

جواب: الله ڪريم توهان تي رحم فرمائي، پياري حبيب جي صدقي شِفاءِ ڪامله عاجلہ نافعہ عطا فرمائي، دل وڏي رکو، هي آزمائش ۽ اِمتحان آهي، هن ۾ اهو ئي ڪامياب ٿيندو آهي جيڪو ثابت قدم رهندو

آهي، اِمامِ عالي مقام حضرتِ امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ڪربلا ۾ فجر جي نماز باجماعت ادا ڪئي هئي، پيارن جي شهادتن کان پوءِ به سِرُ سجدي ۾ ڪٽايو هئائون، جهڙي طرح به ممڪن هجي نماز شريعت جي دائري ۾ رهي ڪري ادا ڪرڻي پوندي آهي ۽ ان جي لاءِ نماز جا مسئلا سکڻا پوندا آهن، بهارِ شريعت جي پهرين جلد جي چوٿين حصي ۾ مريض جي نماز جو طريقو لکيل آهي، جنهن فالج جو ٻڌايو آهي شايد هو اِهو سمجهي رهيو ته جيڪڏهن نماز نه پڙهنداسين ته روزو ڪيئن ٿيندو؟ يا جيڪي به ايئن سمجهن ٿا اهي هيءَ ڳالهه ذهن ۾ رکن ته نماز الڳ عبادت آهي ۽ روزو الڳ عبادت آهي، ايئن ناهي ته هڪ شيءِ نه ڪنداسين ته ٻئي شيءِ به نه ڪنداسين، انهيءَ ڪري ٻنهي کي ادا ڪرڻو آهي جيڪڏهن ڪنهن خدانخواسته نماز نه پڙهي تڏهن به ان جو روزو ٿي ويندو يا خدانخواسته ڪنهن روزو نه رکيو ۽ نماز پڙهي ته ان جي نماز ادا ٿي ويندي.

پيرن کان معذور ۽ پيشاب جي مرض ۾ مبتلا مريض جن جي کٽ به قبلي رخ ناهي، نماز جي حوالي سان انهن جي راهنمائي ڪندي (اميرِاهلسنّت دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي پرسان وينل مفتي صاحب فرمايو:) ان جون به صورتون ٺهجنديون: (1) جيڪڏهن ان کي بار بار پيشاب اچي ٿو ۽ انهن کي ايترو وقت به نٿو ملي جو جنهن ۾ هو وضو ڪري فرض ادا ڪري سگهي ته اهڙي صورت ۾ شرعي معذور چورائيندو. انهيءَ ۾ شرط هي آهي ته گهٽ ۾ گهٽ وقت ۾ هڪ ڀيرو ان جو (اهو) عذر پاتو وڃي. (بہارِ شریعت، 1/385-386 ملتقطا) جيئن عصر جي نماز شروع ڪندو ته وضو ڪندو ۽ ان ۾ جيتريون نمازون چاهي ادا ڪري وٺي پر مغرب جي نماز جي لاءِ ان کي ٻيهر وضو ڪرڻو پوندو. (2) ۽ جيڪڏهن هي شرعي

معذور ناهي يعني ان کي ايترو وقت ملي وڃي ٿو جنهن ۾ فرض ادا ڪري سگهجي ٿو ته پوءِ ان کي احتياط ڪرڻو پوندو. بهرحال جيڪڏهن حالت اهڙي آهي جو پاڻ وضو نٿو ڪري سگهي پر ٻيو ڪو وضو ڪرائڻ وارو موجود آهي ته اهو ان کي وضو ڪرائي نه ته ان کي تيّمم ڪرايو وڃي ۽ ڪنهن کي چئي ڪري کٽ جو رخ قبلي ڏانهن ڪرائي ڇڏي ۽ اشارن سان نماز ادا ڪري.

(امیرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمايو:) جيڪڏهن ليٽي نماز پڙهڻ جي لاءِ مجبور آهن ته کٽ اهڙي طرح رکٽي آهي جو ان جا پير قبلي ڏانهن هجن.[1] ۽ ايترو وقت نه ملي جنهن ۾ وضو ڪري نماز ادا ڪري سگهجي ته ان مان مراد فرض نماز ادا ڪرڻ جو وقت آهي، ان ۾ سنتون ۽ نفل ادا ڪرڻ جو وقت شامل نه آهي، يعني وضو ڪري گهٽ ۾ گهٽ ايترو وقت ملي ويو جو فرض نماز پڙهي سگهجي ٿي ته وضو ڪري فرض پڙهي وٺي. (ملفوظاتِ امیرِاہلِ سنت ، 406/6)

**سُوال:** ڇا ڪچو بصر کائڻ سان وضو ٽٽي پوندو آهي؟ (نورالعين)

**جواب:** ڪچو بصر کائڻ کان بچڻ سنو آهي جو ان جي وات ۾ بدبو ٿي ويندي آهي، البته کائڻ جائز آهي ان سان وضو به ناهي ٽٽندو. ياجي ۾

---

[1] جيڪڏهن مريض ويهڻ تي به قادر ناهي ته ليٽي ڪري اشاري سان پڙهي، چاهي سڌي يا کابي پاسي تي ليٽي ڪري قبلي ڏانهن منهن ڪري، چاهي پٺي پر ليٽي ڪري قبلي ڏانهن پير ڪري پر پير نه ڊگهيڙي، جو قبلي ڏانهن پير ڊگهيڙڻ مڪروهه آهي بلڪ گوڏا سڌا رکي ۽ مٿي هينان وهاڻو وغيره رکي ڪري مٿو اونچو رکي ته منهن قبلي ڏانهن ٿي وڃي ۽ هي صورت يعني پٺي پر ليٽي پڙهڻ افضل آهي.
(در مختار، 686/2-687۔ بہارِ شریعت، 722/1، حصہ: 4)

پکل بصر ۽ ٿوم کائي سگھون ٿا جو پچڻ کان بعد ان جي بدبوء ختم ٿي ويندي آھي ۽ ان کي کائڻ سان وات ۾ بدبو بہ پيدا ناھي ٿيندي.
(ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 463/6)

سُوال: وضو کرڻ کان پھريان وضو جي عضون کي آلو کرڻ کيئن آھي؟

جواب: وُضو کرڻ کان پھرين وضو جي عضون کي آلو کرڻ مستحب آھي. (بہارِ شریعت، 297/1، حصہ: 2) بالخصوص سردين ۾ وڌيڪ بھتر آھي جو انھن ڏينھن ۾ کل خشڪ ھوندي آھي ۽ ڪجھ جڳھن تي گھنج پئجي ويندا آھن جيڪڏھن توجھ سان وضو نہ ڪيو وڃي تہ ڪجھ حصو سڪل رھجي ويندو آھي. تي سگھي ٿو تہ وضو کرڻ مھل عوام جا وضوءَ وارا عضوا سڪل رھجي ويندا ھجن. جيڪڏھن اسان پھريان کان ئي وضو جي عضون تي پاڻي ملي ڇڏينداسين تہ ان سان کل نرم ٿي ويندي ۽ پاڻي جلدي وھي ويندو جنھن سان وضو بہ جلدي ٿي ويندو. ھر ھڪ کي ان مستحب تي عمل کرڻ جي عادت بڻائي وٺڻ گھرجي.
(ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 463/6)

سُوال: جڏھن مان وضو ڪندو آھيان تہ مون کي ھن طرح جو وھم ايندو آھي تہ فلاڻي جڳھ خشڪ رھجي وئي آھي جنھن جي ڪري منھنجي نماز نہ ٿيندي لهٰذا مان ان وھم کي دور کرڻ جي لاءِ پنھنجي ان عضو کي ھرھر ڌوئندو آھيان جنھن سان پاڻي گھڻو ضايع ٿي ويندو آھي. برائي ڪرم ان باري ۾ رھنمائي فرمائيندا.

جواب: دَراصل وَسْوَسن جي پيروي کرڻ شيطان جي اطاعت آھي. اھڙي طرح کرڻ سان شيطان جو مقصد بہ پوري ٿي ويندو آھي لهٰذا وسوسن کي پڇايو ۽ سنّت جي مطابق ٿي پيرا پنھنجا عضوا ڌوئي ڇڏيو.

جيڪڏهن واقعي ڪنفرم آهي تہ ڪنهن عضوي جو حصو سڪل رهجي ويو آهي تہ هاڻي ان کي ٻيهر ڌوئي ڇڏيو. جڏهن توهان وضو جي عضون تي پاڻي وهندو ڏسي رهيا هجو ۽ عضوو بہ آلو ٿيل نظر اچي رهيو آهي ۽ نہ وري عضوو تي اهڙي شيءِ چنبڙيل آهي جيڪا گل تائين پاڻي پهچڻ ناهي ڏيندي تہ توهان جي وضو جا عضوا ڌوپجي ويا آهن. وضو ۾ کل جو اندريو حصو ڌوئڻو ناهي هوندو بلڪ کل جو مٿانهو حصو ڌوئڻو هوندو آهي ۽ ان ۾ کل جا وار ڌوئڻ بہ شامل آهن. توهان کي اهڙي طرح ذهن ناهي هلڻو پوندو نہ تہ توهان پاڻ سمجهو ٿا تہ اهو وهم آهي جنهن جي پيروي ڪرڻ اِحتياط نہ بلڪ شيطان جي اِتباع آهي لهٰذا توهان کي وهم تي عمل ڪرڻ کان بچڻ گهرجي. الله ڪريم توهان کي وسوسن کان نجات عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(ملفوظات اميراہلِ سنت ، 464/6)

سوال: روزو ٽٽڻ جي خوف کان وضو ڪندي گرڙي نہ ڪرڻ يا نڪ ۾ پاڻي نہ چاڙهڻ ڪيئن آهي.؟ **(سائله: زينب عطاريه)**

جواب: وضو ۾ نڪ جي نرم هڏيءَ تائين پاڻي پهچائڻ ۽ چڱي طرح صاف ڪرڻ ۽ نڙي جي پاڙ تائين پاڻي پهچائڻ سنّت مُؤَکَّده آهي. ايئن ئي وضو ۾ ٽي ٽي ڀيرا عضوا ڌوئڻ بہ سنّت آهي. (در مختار مع رد المحتار، 253/1)
لهٰذا گرڙي نہ ڪرڻ يا نڪ ۾ پاڻي نہ چڙهائڻ سان وضو جو فرض تہ ادا ٿي ويندو، پر ان جون سنّتون رهجي وينديون ۽ جيڪڏهن غسل ۾ گرڙي ڪرڻ يا نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ ڇڏي ڏنو تہ غسل ئي نہ ٿيندو، ڇو تہ غسل ۾ هي فرض آهي.(در مختار، 311/1) لهٰذا احتياط سان گرڙي بہ ڪيو ۽ نڪ ۾ پاڻي بہ چاڙهيو، نہ تہ ايئن نہ ٿئي جو روزي بچائڻ جي خيال ۾ وضو ۽ غسل ئي ضايع ڪري ڇڏيو!. (ملفوظات اميراہلِ سنت ،قسط نمبر156، ص 12)

سُوال: منهنجي والده جي شهادت واري آڱر ڪٽيل آهي جڏهن اها وضو جي لاءِ ٻڪ ۾ پاڻي ڪڍندي آهي ته اهو پاڻي وهي ويندو آهي، ته ڇا اها ڪاٻي هٿ سان ڳرڙي ۽ نڪ ۾ پاڻي وجهي سگهي ٿي؟

جواب: عذر هجي ته ائين ڪري سگهجي ٿي.

(ملفوظات اميراہلِ سنت، قسط نمبر 182، ص 9)

سُوال: ڇا وضو کان بغير اَذان ڏئي سگهجي ٿي؟

جواب: بهتر اهو ئي آهي ته وضو ڪري اَذان ڏني وڃي.[1]

(ملفوظات اميراہلِ سنت، قسط نمبر 182،ص5)

سوال: جيڪڏهن ڪو شخص وهنجڻ کان پوءِ وضو ڪرڻ واري کي ڏسي ڪري چئي ”هي جهالت جي نشاني آهي“ ته اُن جو ائين چوڻ ڪيئن آهي؟

جواب: پورو غسل ڪرڻ سان وضو به ٿي ويندو آهي پيهر وضو ڪرڻ ضروري ناهي. (مرا ۃ المناجيح، 256/2) لهٰذا جنهن غسل ڪرڻ کان پوءِ اهو سوچي ڪري وضو ڪيو ته غسل ڪرڻ سان وضو ناهي ٿيندو ته اهو معلومات جي ڪمي جو نتيجو آهي ۽ ان ڪري ان جي عمل کي ”جهالت“ چوڻ درست آهي، پر مطلقاً ڪنهن کي ائين چوڻ سان ان جي دل ڏکندي، لهٰذا ڪنهن مسلمان کي ائين نه چوڻ گهرجي، بلڪ سهڻي انداز سان دُرُست مسئلو ٻڌائڻ گهرجي مثلاً جڏهن توهان پورو غسل ڪري ڇڏيو آهي ته

---

2... بنا وضو واري جي اذان صحيح آهي ؛ (درمختار، 75/2) پر بنا وضوءَ جي اذان ڏيڻ مڪروه آهي. (حاشيه الطحطاوی علی مراقی الفلاح، ص 199) فتاوٰي رضويه شريف ۾ آهي: بنا وضو جي اذان جائز آهي هن جي معنٰي هيءَ آهي ته اذان ٿي ويندي پر ائين نه ڪرڻ گهرجي، حديثِ پاڪ ۾ هن جي مُمانعت آئي آهي.

(فتاوٰیٰ رضويه، 373/5)

غسل سان گڏو گڏ توهان جو وضو بہ ٿي چڪو آهي، لھٰذا توهان کي غسل کان پوءِ وضو ڪرڻ جي حاجت ناهي. (ملفوظاتِ اميرِاہلِ سنت ،قسط نمبر178، ص 8)

سُوال: ڇا جوئون مارڻ سان وُضو ٽُٽي پوندو آهي؟

(سوشل ميڊيا جي ذريعي سُوال)

جواب: جوئون مارڻ، ايئن ئي ٻڪر ذبح ڪرڻ سان وُضو ناهي ٽٽندو. نَعُوۡذُبِاللّٰه جيڪڏهن ڪو باوضو ڪنهن ماڻهوءَ کي قتل ڪري ڇڏي تہ ان سان بہ وُضو نہ ٽٽندو. ڪنهن کي مارڻ ڪُٽڻ سان وُضو ناهي ٽٽندو.
(ملفوظاتِ اميرِاہلِ سنت، قسط نمبر248، ص 24)

سُوال: تسبيح جي داڻن تي لفظ "اللّٰہ" ۽ "محمد" لکيل هجي تہ ان کي بي وُضو يا ناپاڪي جي حالت ۾ ڇُهي سگهجي ٿو؟

جواب: اهڙي تسبيح کي بي وُضو ڇُهڻ جائز آهي، پر ان جي ڪيسي ۾ هوندي واش روم بہ وڃڻو پئجي سگهجي ٿو يا ميرا هٿ ان تي لڳي سگهجن ٿا. تہ بهتر اهو ئي آهي تہ اهڙي تسبيح نہ رکڻ گهرجي، جيڪڏهن آهي تہ ان کي گهر ۾ ڪنهن ڪوکي تي لٽڪائي ڇڏيو ۽ جڏهن گهر ۾ هجو تہ ان تي وظيفو وغيره پڙهي وٺو، تہ جيئن ڪنهن قسم جي بي ادبي نہ ٿئي. پر پوءِ بہ جڏهن انهن جي داڻن تي بار بار آڱر لڳندي تہ ان جي لکائي جو اثر هٿ تي ايندو رهندو ۽ جڏهن توهان هٿ ڌوئندو تہ اها مس ڪاٽي ويندي توهان سمجهي سگهو ٿا. لھٰذا اهڙي تسبيح جي پروڊڪشن ئي نہ ڪئي وڃي، ليڪن اسان جي لاءِ ان کي روڪڻ مشڪل آهي، لھٰذا اسان ان کي وٺڻ ئي ڇڏي ڏيون. ها جيڪڏهن تحفي ۾ ملي هجي تہ ان کي ضايع نہ ڪيو وڃي، بلڪ احتياط سان استعمال ڪيو وڃي، باادب بانصيب. (ملفوظاتِ اميرِاہلِ سنت ، 364/5)

سُوال: گنج پن جو شکار ڪجھ ماڻهو هٽرادو وار لڳرائيندا آهن، ڇا ان سان وضو ۽ نماز تي ويندي آهي؟ (وسيم رضا عطاري. ٽوبه دارالسلام)

جواب: جيڪڏهن ”هٽرادو وار“ اهڙا آهن جنهن کي لاهي ڪري وضو ۾ مسح ڪري سگهجي ٿو ته پوءِ ان کي لاهڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ”هٽرادو وارن جي وِگ“ اهڙي آهي جيڪا چنبڙيل آهي ۽ ان کي لاهڻ ممڪن نه آهي ته اهڙي صورت ۾ وضو جي دوران مٿان ئي مسح ڪيو وڃي ۽ غسل ۾ به مٿان ئي ڏوئي ڇڏجي. [1] (ملفوظات امیراہلِ سنت، 266/5)

سُوال: ڇا وُضو ڪندي ئي نماز پڙهي وٺڻ تحيةُ الوُضُو جي قائم مقام ٿي ويندي؟ وڌيڪ هن سان نفل جو ثواب ملندو يا نه؟

جواب: جيڪڏهن مڪروه وقت نه هجي ته ”تحيةُ الوُضو“ پڙهي ڇڏي جو ته تحيةُ الوُضو ۾ افضل هي آهي ته ان وقت پڙهي وڃي جڏهن وضو جي آلاڻ باقي هجي. (فتاویٰ ہندیۃ، 8/1) [2]

(ملفوظات امیراہلِ سنت ، 227/6)

سُوال: سنتون پڙهڻ کان پوءِ جيڪڏهن وضو ٽٽي پوي ته وضو ڪرڻ کان پوءِ ٻيهر اهي سنتون پڙهيون پونديون يا اهي ئي سنتون ڪافي آهن. ؟ (سائل: خالد محمود عطاري، قصور پنجاب)

---

1 ... انساني وارن جي هٽرادو ”وگ“ استعمال ڪرڻ يا انهن وارن جي پيوند ڪاري ڪرڻ حرام آهي. البت جيڪڏهن مصنوعي وار هجن يا ڪنهن اهڙي جانور جا وار هجن جو اهو نَجس العين نه هجي ته انهن وارن جو لڳرائڻ جائز آهي. (شعبہ ملفوظاتِ امیرِ اَہلِ سُنّت)

2....سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جيڪو شخص چڱي طرح وضو ڪري ۽ ظاهر ۽ باطن سان متوجهه ٿي ڪري ٻه رڪعتون پڙهي، ان جي لاءِ جنّت واجب ٿي ويندي آهي. (مسلم، ص 118، حديث: 553) بهارِ شريعت جلد اوّل صفحو نمبر 675 تي آهي: وضو کان پوءِ عضوا خشڪ ٿيڻ کان پهريان ٻه رڪعتون نماز پڙهڻ مستحب آهي. (تنوير الابصار مع درمختار، 563/2) وضو کان بعد فرض وغيره پڙهي ته تحيةُ الْوضو جي قائم مقام ٿي ويندا. (ردالمحتار، 563/2)

جواب: اهي ئي سنتون ڪافي آهن. (ملفوظاتِ اميرِاہلِ سنت ، 218/6)

سُوال: ڇا وُضو ڪندي به پاڻي ضايع ٿي سگهي ٿو؟

جواب: جي ها! جيڪڏهن ڪو شخص نفل نماز جي لاءِ وضو ڪري رهيو آهي يا هونئن ئي باوضو رهڻ جي لاءِ وُضو ڪري رهيو آهي پلي ڪٽي هي هڪ مُسۡتَحَب ڪم آهي ان تي ثواب ملندو ۽ نه ڪرڻ تي ڪو گناهه نه ٿيندو، جيڪڏهن هي وُضو ڪرڻ جي لاءِ وينو ۽ پهريان نل کولي پوءِ ٻانهو چاڙهي ان کان پوءِ مِسواڪ منهن ۾ وجهي چٻاڙي نل هينان ڌوئندو رهي ۽ انهيءَ دوران مسلسل پاڻي وهندو رهي ته ان کي پاڻي جو اسراف ئي چيو ويندو. مون ڪيترن ئي ماڻهن کي دورانِ وُضو اڻ ڳُڻ پاڻي وهائيندي ڏٺو آهي، ڪجهه ماڻهو ته اهڙا به هوندا آهن جن کي پاڻي ضايع ٿيڻ جو احساس ئي ناهي ٿيندو، جيڪڏهن انهن کي سمجهايو وڃي جناب! دَورانِ وُضو نل ٿورو کوليو ته شايد انهن کي اهو به معلوم نه هجي ته ٿورو نل کولڻ ڪنهن کي چوندا آهن ۽ وڌيڪ ڪنهن کي! ها انهن کي پيسن جي ضرور خبر هوندي ته  ٿورا ڪنهن کي چوندا آهن ۽ وڌيڪ ڪنهن کي! حالانڪ پاڻي پئسن کا وڌيڪ قيمتي آهي. پاڻي جي قيمت سمجهڻي آهي ته هيئن تصور ڪيو ته توهان ڪنهن ويراني ۾ آهيو ۽ توهان وٽ هڪ سون جي سِرَ به آهي پر پاڻي نه آهي ۽ توهان کي سخت اُڃ لڳي رهي آهي جنهن جي ڪري توهان جي جان وڃڻ جو خطرو آهي. هاڻي توهان جان بچائڻ جي لاءِ سون جي سِر ڏئي به پاڻي وٺڻ جي ڪوشش ڪندؤ ته ڪير هيءَ سر وني ۽ بدلي ۾ هڪ گلاس بلڪ اڌ گلاس پاڻي پياري ته جيئن مان پنهنجي جان بچائي وٺان. (ملفوظاتِ اميرِاہلِ سنت ، 17/5)

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ وٽ ڪجھ ماڻھو حاضر ٿيا ڪنهن پيئڻ لاءِ پاڻي ورتو ۽ پي ڪري اڌ گلاس هاري ڇڏيو. ان جو مطلب آهي پاڻي بچائي ڪري هارڻ جي بيماري ڪافي پراڻي آهي، اڄڪلھ بہ ماڻھو ٿورو پاڻي پي ڪري هاري ڇڏيندا آهن. بهرحال اُن جي پاڻي هارڻ تي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ مَدَني گُل ڏيندي سمجهايو ۽ هڪ واقعو بيان فرمايو: هارون رشيد جي خدمت ۾ عُلماءِ ڪرام موجود هوندا هئا، هڪ ڏينهن هارون رشيد کي اُڃ لڳي پيئڻ لاءِ پاڻي گهرايو، پيئڻ چاهن پيا تہ هڪ عالم صاحب فرمايو: بيهو! پهريان اهو ٻڌايو تہ جيڪڏهن توهان ڪنهن چٽيل ميدان يا ڪنهن جهنگل و بيابان ۾ هجو ۽ اهڙي اُڃ لڳي جهڙي هِن وقت لڳي رهي آهي پر پيئڻ لاءِ پاڻي نہ ملي رهيو هجي ۽ توهان جي موت واقع ٿيڻ واري هجي تہ اهو پاڻي توهان ڪيتري قيمت ڏئي خريد ڪندؤ؟ هارون رشيد چيو: اڌ سلطنت يعني اڌ حڪومت ڏئي ڪري پاڻي وٺندس ۽ پنهنجي جان بچائيندس. جواب ٻڌي ڪري اُن عالِم صاحب چيو پاڻي پي وٺو، جڏهن هارون رشيد پاڻي پي ورتو تہ عالم صاحب وري فرمايو: جيڪو پاڻي توهان هاڻي پيتو آهي جيڪڏهن اندر ئي رهجي وڃي ۽ پيشاب جي ذريعي ٻاهر نہ نڪري ۽ توهان جي موت واقع ٿيڻ واري هجي تہ ان جي علاج تي ڪيترو خرچ ڪرڻ لاءِ تيار هوندؤ؟ هارون رشيد جواب ڏنو: مون کي پنهنجي پوري سلطنت بہ ڏيڻي پئجي وڃي تہ مان ڏئي ڇڏيان ۽ پنهنجي جان بچايان. اُن عالِم صاحب فرمايو: بادشاهہ سلامت! توهان پنهنجي هن حڪومت تي جيترو چاهيو ناز ڪيو ان جي قيمت اها آهي تہ هڪ پيرو پاڻي جي گلاس تي اڌ وڪامجي وڃي ۽ ٻئي پيري علاج تي پوري وڪامجي وڃي. (ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت ،ص 375-376۔ تاريخ الخلفاء، ص 293 ملخصاً)

واقعي پاڻي جو قدر اُتي هوندو آهي جتي پاڻي جي قلت هجي، اسان کي الله پاڪ جي نعمتن جو قدر ناهي. پاڻي جي هڪ هڪ ڦڙي جو حساب ڏيڻو آهي لهٰذا جڏهن بہ وُضو ڪرڻ لڳو تہ نل ايترو کوليو جيتري ضرورت آهي، گهڻو کولڻ ۽ پاڻي ضايع ڪندي رهڻ خطرناڪ آهي ۽ وري مسجد ۽ مدرسي جو پاڻي جيڪو وقف جو هوندو آهي ان کي ضايع ڪرڻ اجان بہ وڌيڪ سخت آهي، ان جا مسائل بہ گهڻا آهن، تنهن ڪري سگهي ٿو ماڻهو پنهنجي گهرن ۾ پاڻي گهٽ خرچ ڪندا هجن مسجد ۾ گهڻو خرچ ڪندا هجن. گهر ۾ جڏهن وهنجندا هوندا تہ شاور جي ذريعي گهڻو پاڻي ضايع ڪندا هجن ڪنهن کي ڪهڙي خبر!

(ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 18/5 )

**سُوال:** ڪهڙين هستين جو ننڊ سان وُضو ناهي ٽٽندو؟ جيڪڏهن اسان وُضو ڪري سمهون تہ فجر ۾ اٿڻ تائين اسان جو وُضو باقي رهندو؟

**جواب:** اَنبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جو وُضو سمهڻ سان ناهي ٽٽندو ڇو تہ انهن جون اکيون سمهنديون آهن دليون جاڳنديون آهن.

(بخارى، 297/1، حديث: 857ماخوذاً)

باقي عام ماڻهن جي سمهڻ سان وُضو ٽٽي پوندو آهي پر ننڊ سان وُضو ٽٽڻ جون ڪي شرطون آهن جيئن ڪهڙي طرح ستو؟ غافل هيو يا نہ؟ سُرين(ويهڻ واري جڳهہ) جميل هئي يا نہ؟جيڪڏهن سُرين زمين تي چڱي طرح جميل هئي ۽ اک لڳي وئي جيئن ڪرسي تي ويٺي ويٺي ننڊ اچي وئي تہ وُضو نہ ٽٽندو ۽ سرين جميل ناهي تہ وُضو ڀڄي پوندو ان جو مڪمل تفصيل ”**نماز جا احڪام**“ ڪتاب ۾ موجود ”وُضو جو طريقو“ نالي رسالي ۾ آهي. (**اميرِ اهلِ سنّت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي پرسان وينل مفتي صاحب فرمايو:) **جيڪڏهن ڪو اهڙي حالت ۾ ستو پيو آهي**

جيڪا ننڍّ اچڻ ۾ رڪاوٽ آهي جيئن بيٺي بيٺي سمهي پيو ان ۾ جيتوڻيڪ سرين ناهي جميل پوءِ به وُضو نه ٽٽندو.

(فتاوىٰ رضويه، 488/1، جز: الف ماخوذاً۔ ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 478/1)

سُوال: منهنجو شوبز سان تعلق آهي. اسان اَلحمدُلِلّٰه پنج وقت جي نماز پڙهندا آهيون. جيڪڏهن وُضو جي حالت ۾ ايڪٽنگ ڪئي ته اُنهيءَ وُضو سان نماز پڙهي سگهون ٿا؟ ٻيو سُوال هي آهي ته ماٺهو هلندي ڦرندي گاريون ڏيندا آهن، بُرا لفظ ۽ ڪوڙ ڳالهائيندا آهن، اَلحمدُلِلّٰه هوندا ته مسلمان آهن پر انهن کي اهو خيال ناهي هوندو ته هي ڪيترو وڏو گناهه آهي. توهان ان باري ۾ ڪجهه ارشاد فرمايو.

(عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي آيل هڪ فلمي ايڪٽر جو سُوال)

جواب: اها سٺي ڳالهه آهي جو ايڪٽنگ کي بُرو ٿا سمجهو ته هيءَ ڪاٿي وُضو ته نه ٽوڙي وجهندي؟ ته همٿ ڪري ايڪٽنگ جي بُري ڪم کي ئي ڇڏي ڏيو ته جيئن نه رهي باس نه وڄي بانسري. بهرحال ايڪٽنگ سان وُضو ناهي ٽٽندو. رهي ڳالهه ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ گاريون ڏيڻ جي ته اهي ڳالهيون بدقسمتي سان اسان جي معاشري جو هاڻي حصو بڻجي چڪيون آهن حالانڪ هي گناهه جا ڪم آهن لهٰذا مسلمانن کي ڪوڙ نه ڳالهائڻ گهرجي، گار نه ڏيڻ گهرجي ۽ غيبت نه ڪرڻ گهرجي، اهڙي طرح بدگماني، واعدي خلافي جهڙن گناهن سان مسلمانن کي بچائڻ گهرجي.[1] ( ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 84/6)

---

1... ڪوڙ، غيبت، ٺهڪ، (لغو) شعر، اُٺ جو گوشت کائڻ ۽ هر گناهه کان بعد وضو ڪرڻ مستحب آهي. (درمختار، 206/1)

سُوال: جيڪڏهن ٽينڪي[1] ۾ ڏيڏر ڪِري پئي تہ ان جو پاڻي وُضو ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻ جائز هوندو؟ (SMSجي ذريعي سُوال)

جواب: ”فتاويٰ امجديہ“ جلد اوّل صفحو نمبر20 تي آهي: پاڻي جو ڏيڏر بلڪ خشڪي جو بہ، جڏهن تمام وڏو نہ هجي جنهن ۾ خونِ سائل (يعني وهندڙ رت) هوندو آهي، جيڪڏهن کوهہ ۾ مري وڃي يا مئل ڪري پوي بلڪ ڦوڪجي ڦاٽي پوي تڏهن بہ پاڻي پاڪ آهي ۽ اُن سان وُضو ۽ غسل جائز آهي. پر جڏهن ذرو ذرو (يعني باريڪ باريڪ) ٿي ڪري ان جا ٽڪڙا پاڻي ۾ ملي وڃن تہ اهو پاڻي پيئڻ حرام آهي، ۽ اگر خشڪي جو وڏو ڏيڏر جنهن ۾ خونِ سائل (يعني وهندڙ رت) هجي، پاڻي ۾ مري وڃي تہ نجس (يعني ناپاڪ) ٿي ويندو. (ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 342/4)

سُوال: ڇا بغير وُضو دُرود پاڪ پڙهي سگهون ٿا؟

جواب: بغير وضو جي دُرودِ پاڪ پڙهي سگهجي ٿو. ”قرآنِ پاڪ جي تلاوت بہ ڪري سگهجي ٿي جيتوڻيڪ بغير وضو قرآنِ پاڪ کي ڇُهي نٿو سگهجي. (ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 475/2)

سُوال: گهمندي ڦرندي، چپل پائي ڪري يا بي وُضو قرآنِ پاڪ پڙهڻ ڪيئن آهي؟

جواب: بي وُضو قرآنِ ڪريم پڙهڻ جائز آهي پر قرآنِ ڪريم کي بي وُضو ڇُهڻ جائز نہ آهي. (در مختار مع رد المحتار، 348/1) پڻ چپل پائي ڪري قرآن ڪَريم پڙهڻ ۾ حرج نہ آهي. (ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 511/3)

---

1... لوهہ يا پلاسٽڪ جي پيتي جنهن ۾ پاڻي اسٽاڪ ڪيو ويندو آهي

سُوال: بصر ڪٽڻ وقت جيڪي ڳوڙها نڪرندا آهن ڇا انهن سان وُضو ناهي ٽٽندو ؟ ۽ اهي ڳوڙها جيڪڏهن ڪپڙن تي ڪري پون ته ڇا ڪپڙو بہ ناپاڪ ٿي ويندو آهي؟

جواب: بصر ڪٽڻ وقت جيڪي ڳوڙها نڪرندا آهن پاڪ هوندا آهن، انهن سان وُضو ناهي ٽٽندو ۽ نہ ئي ڪپڙو ناپاڪ ٿيندو آهي.

(ملفوظات اميراہلِ سنت ، 463/3)

سوال: اڄڪلهہ جيڪا ميندي لڳائي ويندي آهي اها هڪ ڏينهن ۾ هٿن تان گلون ٻٽجي ڪري لهڻ شروع ٿي ويندي آهي تہ ڇا ان کي لڳائي ڪري وضو ۽ غسل ٿي ويندو آهي؟

جواب: جنهن مينديءَ جي ڪَلَ هٿ پير تي جمي ويندي آهي اهڙي ميندي نہ لڳايو ڇوجو جيستائين اها چنبڙيل رهندي وضو نہ ٿيندو تہ نماز بہ نہ ٿيندي. اهڙي طرح جيڪڏهن فرض غسل ڪيو تہ غسل بہ نہ لهندو لهٰذا اهڙي ميندي لڳائي وجي جنهن جي ڪَلَ نہ چنبڙندي هجي. جيڪا ميندي اسان ڏاڙهيءَ تي لڳائيندا آهيون ان جي ڪَلَ ناهي جمندي ۽ جيڪا عورتون لڳائينديون آهن ان جي ڪَلَ جمندي آهي ان ڪري ڏاڙهي تي ميندي لڳائڻ وارو ان کي ڪڏهن بہ نہ لڳائيندو.

(اميرِ اهل سنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي پرسان ويٺل مفتي صاحب فرمايو:) پهرين پيري جي ڪَلَ تہ هر مينديءَ جي جمندي آهي ۽ اها لهي بہ ويندي آهي پر ڪيميڪل واريون ڪوڙ ڪُون مينديون اهڙيون هونديون آهن جو انهن کي لڳائڻ کان بعد جڏهن بہ هٿ ڌوتا وڃن تہ ان کان بعد ڪلر نظر اچي رهيو هوندو آهي جيڪو ظاهري طور ڪلر لڳندو آهي پر جڏهن عورتون ٿانوَ ڌوئينديون آهن يا هونئن ئي هٿ ڌوئينديون رهنديون آهن

تہ اها سنهي ڪلَ جي صورت ۾ لهندي آهي تہ هن طرح جون ميندين لڳائڻ سان وضوءَ جا مسائل ٿيندا آهن ۽ اهڙين ميندين جي باري ۾ دارالافتاء اهلسنّت جي فتوٰي **”شيطان جا ڪجھ هٿيار“** نالي رسالي جي آخري صفحن تي موجود آهي. عورتن کي ميندي لڳائڻ جو شوق هوندو آهي ۽ ان جي لاءِ اهي باقاعده اهتمام ڪنديون آهن تہ انهن کي بنا ڪيميڪل واري اهڙي ميندي لڳائڻ گهرجي جنهن جي ڪلَ نہ ڄمي.

(اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جن ارشاد فرمايو:) **اڄڪلھ** ترقي گهٽي تي وئي آهي نہ تہ ڪنهن دور ۾ ڇوڪريون سنهي ميندي ٺاهي ڪري پاڻ ۾ هڪٻئي جي هٿن تي تيلي سان گُلَ وغيره ٺاهينديون هيون ۽ ان دور ۾ ميندي جا مسائل نہ هئا بس ميندي لڳائڻ کان بعد هٿ ڌوئينديون هيون تہ رنگ نڪري ايندو هو، ميندي جو رنگ گهرو (ڇِٽو) نڪري ان جي لاءِ بار بار پنهنجون مُٺيون کولينديون ۽ بند ڪنديون هيون ۽ ڪجھ تہ رات جو ميندي لڳائي ڪري ان کي ڪپڙي سان ٻڌي ڇڏينديون هيون ۽ ايئن ميندي جو رنگ گهرو نڪرندو هو. هاڻي ماڻهو چون ٿا تہ مهانگائي وڌي وئي آهي پر ميندي تي جيڪو ايڏو اَجايو خرچ ڪن ٿا ان جي طرف توجھ ئي نٿا ڏين جڏهن تہ پهريان مينديءَ تي ايڏو خرچ ڪرڻ جو تصور ئي نہ هو. هاڻي ڀلي نارمل ميندي ملي سگهي ٿي پر ان کي ناهڻ ۾ ايڏي محنت ڪيئن ڪنديون پهريان ان ڪري محنت ڪنديون هيون جو هن جهڙيون ڪُون ميندون نہ ملنديون هيون هاڻي چوتہ آساني سان ملي وڃن ٿيون ۽ خوفِ خدا بہ گهٽ ٿي ويو آهي تہ ان ڪري عورتون هي ميندون استعمال ڪري وٺنديون آهن. بهرحال مون ميندي ءَ جو مسئلو دارالافتا اهلسنّت جي فتوٰي جي روشنيءَ ۾ بيان ڪيو آهي

چوته اهڙي ميندي نه لڳائڻ گهرجي جيڪا سنهي ڪَلَ تي ڪري لهندي آهي. (ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 47/3)

سوال: ڇا ڊرپ لڳرائڻ سان وضو ٽُٽي پوندو آهي؟

جواب: جيڪڏهن ڊرپ لڳرائڻ سان ان ۾ رت مٿي چڪجي آيو ته وضو ٽُٽي پوندو ۽ جيڪڏهن رت نه چڙهيو ته وضو نه ٽُٽندو. جيڪڏهن انجيڪشن لڳرائڻ ۾ ايتري رت نڪري آئي جو وهي ويندي ته وضو ٽُٽي پوندو نه ته انجيڪشن لڳائڻ سان به وضو نه ٽُٽندو البت جيڪڏهن ٽيسٽ ڪرائڻ جي لاءِ رت ڪڍرائي ته وضو ٽُٽي پوندو. شوگر ٽيسٽ ڪرڻ جي لاءِ آڱر تي سُئي هڻندا آهن ته رت وهندي ناهي صرف ايرندي آهي ته ايرڻ سان وضو نه ٽُٽندو البت جيڪڏهن ايتري آهي جو ان کي نه اگهندو ته وهي ويندي ته هاڻي وضو ٽُٽي پوندو.

(اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيه جي ويجهو وينل مفتي صاحب جن فرمايو:) اصول هي آهي ته جتان رت نڪتي آهي جيڪڏهن ان جڳهه تان نڪري ڪري اهڙي جڳهه تي وهي وئي جنهن جو وضو يا غسل ۾ ڌوئڻ فرض آهي ته ان صورت ۾ وضو ٽُٽي پوندو. (فتاوىٰ ہنديہ ، 10/1)

(اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيه جن فرمايو:) هتي اصول ئي بيان ڪري سگهجي ٿو چوته شوگر ٽيسٽ ۾ ڪنهن جي رت معمولي ايرندي آهي ۽ ڪنهن جي ايتري جو سُئي ٽچ ڪرڻ سان ئي نڪري پوندي آهي.

(ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 43/3)

سوال: ڇا واش روم ۾ هٿ ڌوئڻ وقت دعا يا دُرودِ پاڪ پڙهي سگهون ٿا؟

جواب: اتيج باٿ يعني جتي حمّام سان گڏ ئيW.C نظر اچي رهيو

هوندو آهي ان جڳهه تي ڪجهه به نہ ٿا پڙهي سگهون. وضو ڪنداسين تہ ڪجهه بہ نہ پڙهنداسين لھٰذا وضو کان پهريان بِسۡمِ اللّٰه شريف يا جيڪو بہ پڙهڻو آهي ٻاهر ئي پڙهي وٺو پوءِ اندر وڃي ڪري خاموشي سان وضو ڪريو. (ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 134/3)

(هڪ ٻئي مدني مذاڪري ۾ فرمايائون تہ) **اڄڪلهہ** پيسن وارن ماڻهن جي گهرن ۾ سهولتن جو پورو انتظام هوندو آهي ۽ زبردست ڊيڪوريشن هوندي آهي. اهڙي طرح مُتَوَسِّط يعني وچولي طبقي جي گهرن ۾ جيڪي صرف نالي جا غريب هوندا آهن انهن جي گهرن ۾ بہ ڊيڪوريشن ۽ سجاوٽون هونديون آهن پر وضو خانو ناهي هوندو. دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ماڻهن مان بہ ڪنهن ڪنهن جي گهر ۾ وضو خاني جو اهتمام هوندو آهي حالانڪ گهرن ۾ وضو خانو ٺاهڻ جي ڪيئي ڀيرا ترغيب ڏياري وئي آهي ۽ رهنمائي جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ڪيل **"وضوءَ جو طريقو"** نالي رسالي ۾ وضو خاني جو نقشو بہ ڇاپيو ويو آهي. عام طور تي گهرن ۾ بيسن تي وضو ڪيو ويندو آهي ۽ بيسن واش روم سان گڏ نهيل هوندو آهي. ياد رهي! جيڪڏهن بيسن واش روم سان گڏ ئي نهيل هجي تہ وضو ڪندي "يا قَادِرُ" ۽ وضو ڪرڻ کان پهريان بِسۡمِ اللّٰه نہ ٿا پڙهي سگهون. ڇوتہ وضو کان پهريان "بِسۡمِ اللّٰه" پڙهڻ مستحب آهي ۽ صرف اللّٰه پاڪ جو نالو وٺڻ سُنَّتِ مُؤَکَّدہ آهي. (بحرالرائق، 39/1۔حاشية الطحطاوی على مراقی الفلاح، ص 67) ان ڪري واش روم ۾ لڳل بيسن تي وضو ڪرڻ جي سبب جيڪڏهن ان کي ڇڏڻ جي عادت ٺاهينداسين تہ گناهگار ٿي وينداسين لھٰذا اهڙي صورت ۾ "بِسۡمِ اللّٰه" پڙهڻ جي لاءِ واش روم کان ٻاهر نڪرڻ ضروري ٿي ويندو. (ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 213/1)

سوال: جيڪڏهن اسان کي خبر نہ هجي تہ اسان جو وضو آهي يا نہ تہ ڇا هاڻي اسان نماز جي لاءِ وضو ڪنداسين؟ (SMS جي ذريعي سوال)

جواب: جيڪڏهن هيءَ خبر آهي تہ وضو ڪيو هو ۽ هاڻي وضو ٽُٽڻ جو اهڙو يقين آهي جو قسم کڻي ڪري هي چئي سگهي تہ منهنجو وضو ٽُٽي پيو آهي تہ اهڙي صورت ۾ نماز جي لاءِ وضو ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن ان ڳالهہ ۾ شڪ آهي تہ وضو ڪيو هو يا نہ تہ هاڻي وضو ڪرڻو پوندو. (درمختار، 310/1) البت جيڪڏهن وضو ڪرڻ تہ ياد آهي پر هي وسوسو آيو تہ وضو ڪرڻ کي گهڻي دير ٿي وئي آهي وضو ٽُٽي پيو هوندو تہ هن طرح وضو نہ ٽُٽندو. (بهارِ شريعت، 311/1، حصہ: 2۔ ملفوظات اميرِاہلِ سنت ،360/3)

سوال: هڪ اسلامي ڀاء اک جو آپريشن ڪرايو تہ هاڻي آپريشن کان بعد ان جي اک مان لڙڪ يا جيڪا دَوا وڌي ويندي آهي اها نڪري ۽ ڪپڙن تي ڪِري پئي تہ ڇا ڪپڙا ناپاڪ ٿي ويندا ۽ وضو ٽُٽي پوندو؟

جواب: جيڪڏهن پاڪ دوا اکين ۾ وڌي ۽ اها ڪري پئي تہ اها پاڪ آهي. سورَ واري اک جو ڳوڙهو جيستائين اک جي جي دائري جي اندر آهي پاڪ آهي ۽ ان سان وضو بہ ناهي ٽُٽندو پر جڏهن هي دائرو ٽوڙي ڪري ٻاهر نڪرندو تڏهن وضو بہ ٽُٽي پوندو ۽ هي ڳوڙهو بہ ناپاڪ آهي جڏهن تہ بيماريءَ جي ڪري نڪتو هجي. بهرحال سورَ واري اک مان بيماريءَ جي ڪري جيڪو ڳوڙهو ڪرندو آهي اهو ناپاڪ آهي ۽ وضو ٽوڙيندو آهي. (ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 360/3)

سوال: ويهي وضو ڪرڻ ڪيئن؟ (Facebook جي ذريعي سُوال)

جواب: جائز آهي، پر مستحب هي آهي تہ ويهي ڪري وضو ڪريو.

(بهارِ شريعت ، 296/1، حصہ: 2) (ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، 488/3)

سوال: پيشاب جي ڦڙن (قطرن) اچڻ جي بيماريءَ جي ڪري ڪيئي نمازون رهجي وينديون آهن، هن مسئلي جو حل ارشاد فرمائيندا.

جواب: طبيب يا مُعالِج سان رجوع ڪريو، هي مسئلو واقعي وڏي آزمائش وارو آهي پر ان جي ڪري نمازن جو رهجي وڃڻ تمام گهڻي افسوس جي ڳالهه آهي جو شريعتِ مطهره هر مسئلي ۾ اسان جي رهنمائي فرمائي آهي پر اسان علمِ دين کان دوري ۽ علم نه هئڻ ڪري ان تي عمل نه ٿا ڪري سگهون ۽ طرح طرح جي پريشانين ۾ مبتلا ٿي ڪري نمازون تائين ڇڏي ڏيندا آهيون. ان مسئلي جي حل جي لاءِ توهان کي پنهنجي ڪيفيت تي غور ڪرڻو پوندو. بار بار قطرو (ڦڙو) ايندو هجي، هوا خارج ٿيندي هجي يا زخم وهندو هجي ته اهڙو بيمار هڪ نماز کان ٻئي نماز تائين مثال طور عصر کان مغرب انتظار ڪري ۽ پنهنجي ڪيفيت تي غور ڪندو رهي ته قطرو يا هوا بيهي وڃي يا زخم آهي ته وهڻ بند ٿئي، هن دوران جيڪڏهن ايتري به مهلت نه ٿي ملي جو هُو وضو ڪري فرض نماز پڙهي سگهي ته هاڻي اهڙو بيمار ”شرعي معذور“ ٿي ويو. هاڻي ان جي باري ۾ حڪم هي آهي ته وضو ڪري ۽ اڳئين نماز جو وقت اچڻ کان پهريان پهريان نماز پڙهي وٺي توڙي جو ان جا قطره اچي رهيا آهن، هوا خارج ٿي رهي آهي يا زخم وهي رهيو آهي، ان جي ان وقت جي نماز ٿي وئي. هاڻي جيئن ئي مغرب جو وقت ٿيو، ان جو وضو ٽُٽي پيو. هاڻي مغرب جي نماز جي لاءِ نئون وضو ڪري. جڏهن نماز جو وقت ٿي وڃي، ان نماز جي لاءِ وضو ڪري ان نماز کي ادا ڪرڻ کان علاوه جيتريون چاهي قضا نمازون ۽ نوافل وغيره پڙهي سگهي ٿو، جيڪڏهن هڪ نماز جي وقت ۾ هڪ پيرو ئي

قطرو آيو تڏهن بہ معذور ئي رهندو. ها جيڪڏهن هڪ نماز جو پورو وقت هن طرح گذري ويو جو هڪ ڀيرو بہ قطرو نہ آيو تہ هاڻي هو معذور نہ رهيو. پوءِ جيڪڏهن قطرو اچي ٿو تہ بيان ڪيل طريقي تي ٻيهر عمل ڪرڻو پوندو. جنهن ڪي بہ قطرو ايندو هجي يا ڪو اهڙو عذر هجي جنهن سان بار بار وضو ٽُٽندو هجي ان جو مڪمل طريقو سکڻ جي لاءِ منهنجو ڪتاب "نماز جا احڪام" ۾ موجود رسالو "وضوءَ جو طريقو" صفحو 42 کان 45 جو مطالعو ڪري. (ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، قسط: 137، ص 18)

سوال: جيڪڏهن ٿانوَن تي آيتون لکيل هجن تہ انهن ۾ کاڌو کائي سگهون ٿا؟

جواب: نہ ٿا کائي سگهون. البت باوضو ٿي ڪري شِفا جي نيّت سان انهن ٿانوَن ۾ پاڻي وجهي ڪري پي سگهجي ٿو بنا وضو آيتن کي هٿ نہ ٿا لڳائي سگهون. (ملفوظات اميرِاہلِ سنت ، قسط: 62: ص 4) [1]

سوال: ٽرين ۾ واش روم صاف ناهن هوندا تہ نماز ڪيئن پڙهنداسين؟ وضو ڪيئن ڪنداسين ۽ تيمّم ڪيئن ڪنداسين؟

جواب: ٽرين ۾ واش روم خراب هوندا آهن پر هر وقت خراب ناهن هوندا ايئن تہ گهر جا واش روم بہ خراب ٿيندا رهن ٿا. واش روم جي چؤطرف جيڪو پاڻي ٽڙيل هوندو آهي ان جي ناپاڪ هئڻ جي باري ۾ جيستائين يقيني معلومات نہ هجي اسان ان کي ناپاڪ نہ ٿا چئي

---

[1] صدر الشريعہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ الله عَلَيهِ فرمائن ٿا: جنهن ٿانوَ يا گلاس تي سورت يا آيت لکيل هجي ان جو ڇهڻ بہ هن (بنا وضو، حالت جنب ۽ حيض ۽ نفاس واريءَ) کي حرام آهي ۽ هن جو استعمال سيني کي مڪروہ، پر جڏهن تہ خاص شفا جي نيّت سان هجي.
(بهار شريعت، 327/1، حصہ: 2مفہوماً)

سگهون لهٰذا جيڪڏهن وضو ڪرڻ جي ڀي جڳهه ناهي ته مجبوريءَ ۾ اتي ئي وضو ڪري سگهجي ٿو. غالباً ٽرين جي فرسٽ ڪلاس ۾ واش روم جي ٻاهر جي طرف بيسن به هوندو آهي يا پوءِ شايد مون ٻاهرين ملڪن ۾ ايئن ڏٺو آهي هتان جي خبر ناهي ڇوته مون هتي ڪيئي سالن کان ٽرين جو سفر ناهي ڪيو. بهرحال نماز جي لاءِ وضو ڪرڻو پوندو. ٽرين ۾ به نماز معاف نه ٿيندي ۽ پاڻي موجود هئڻ جي صورت ۾ تيمّم به جائز نه ٿيندو. سفر ۾ ماڻهو پاڻ سان گڏ لوٽو يا ٿانوُ رکي ته جيئن وضو ڪري نماز جو انتظام ڪري سگهي. ياد رکو! جهڙيءَ طرح دائمي بيمارُ جنهن جو دوائن جي بنا گذارو ناهي ٿيندو اهو پاڻ سان گڏ ٽائم ٽو ٽائم دوائون رکندو آهي اهڙيءَ طرح نماز به اسان جي روح جي غذا آهي ته ان جو سچو انتظام ڪري رکڻ گهرجي.

(هن موقع تي رڪن شوريٰ فرمايو:) جيڪڏهن ٽرين جي ڪنهن ڏٻي ۾ واش روم صحيح نه هجي ته ڪنهن ٻئي ڏٻي ۾ صحيح واش روم ملي سگهي ٿو ته ايئن ٿوري ڪوشش ڪرڻ سان طهارت جو مسئلو حل ٿي سگهي ٿو.

(اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن فرمايو:) جيڪڏهن جذبو هجي ته سڀ ڪجھ ٿي سگهي ٿو. جهڙيءَ طرح اسان روزانو ڪاڌو کائيندا آهيون ته ان جو پهريان کان انتظام ڪندا آهيون ۽ ان جي لاءِ ڪمائيندا آهيون ايئن ناهي ٿيندو ته ڪاڌي جو ٽائم ٿي ويو ۽ بک لڳي آهي ته هاڻي ڪمائڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ ان کي خريد ڪري پچايو بلڪ ڪير به بک جو انتظار ناهي ڪندو پهريان کان ئي سڀ انتظام ڪيو ويندو آهي جنهن جي ڪري ڪاڌو ٽائم ٽو ٽائم ملي ويندو آهي پر نماز جيڪا سڀ کان اهم ترين عبادت آهي ان جي لاءِ اسان جو پهريان کان ڪو اهتمام ناهي

هوندو نہ تياري هوندي آهي ۽ نہ تياري ڪرڻ جو ذهن هوندو آهي. هي حال بہ انهن ماڻهن جو آهي جيڪي نماز پڙهندا آهن ۽ جيڪي نماز ناهن پڙهندا اهي تہ نماز پڙهندا ئي ناهن حالانڪ تيڻ تہ هيئن گهرجي تہ هر وقت ٻانهي تي نماز جو شوق سوار هجي ۽ نماز جو فڪر لڳل هجي تہ نماز جو ڇا ٿيندو ۽ ان جو اهتمام ڪيئن ٿيندو؟ يعني ٻانهو ڪٿي بہ هجي ان جي دل مسجد ۾ لڳل هجي ۽ مٿو ڪٿي بہ هجي بارگاهِ الاهيءَ ۾ جهڪيل هجي ۽ ڪاش! مسلمان ڪي جهڙو نمازي هئڻ گهرجي الله پاڪ ڪري اسان بہ اهڙا نمازي بڻجي وڃون.

(ملفوظات اميراہلِ سنت ، 500/2)

سوال: ڇا ٻار ڪي ڪير پيارڻ سان عورت جو وضو ٽُٽي پوندو آهي؟

جواب: ٻار کي کير پيارڻ نواقِضِ وضو (يعني اهي شيون جيڪي وضوءَ کي ٽوڙي ڇڏينديون آهن انهن) مان ناهي لھٰذا ٻار کي کير پيئارڻ سان وضو ناهي ٽُٽندو. (فيضانِ مدنی مذاکره، قسط نمبر 20، ص 39)

سوال: ڇا پاڻي پيئڻ وقت ڏاڙهيءَ ۽ مُڇن جا وار ان ۾ هليا وڃن تہ اهو پاڻي مُسْتَعْمَل ٿي ويندو؟

جواب: جي ها! جيڪڏهن ڏاڙهي ۽ مُڇن جا وار ڌوتل نہ هجن يعني انهن کي ڌوئڻ کان بعد وضو ٽوڙڻ وارو ڪو عمل پاتو ويو تہ انهن جو پاڻيءَ ۾ پَوڻَ سان اهو پاڻي مُستعمل ٿي ويندو يعني هاڻي اهو پاڻي وضوءَ جي قابِل نہ رهيو. ”ان جو پيئڻ مڪروهِ تنزيهي آهي.“ (فتاویٰ رضويه، 122/2) البت جيڪڏهن ڪو شخص مُستعمل پاڻي پي وٺي تہ گناهگار نہ ٿيندو. مُسْتَعْمَل پاڻي پاڪ هوندو آهي لھٰذا ان کي اڇلايو نہ وڃي بلڪ هي پاڻي ڪا بہ شيءِ ڌوئڻ جي لاءِ استعمال ڪيو وڃي. ۽

جيڪڏهن ان پاڻيءَ ۾ ان جي مقدار کان وڌيڪ غيرِ مستعمل پاڻي ملايو وڃي تہ ان جي ملڻ کان بعد مُستعمل پاڻي بہ استعمال جي قابِل ٿي ويندو يعني هاڻي ان کي پيئڻ يا ان سان وضو ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي. (ملفوظاتِ اميرِاہلِ سنت ، 208/1)